# سنڌ جا شهيد

سهڙيندڙ : لطيف سنڌي
ڪمپوزنگ: سعيد سنڌي
saeedsoomro786@yahoo.com
sisoomro@hotmail.com

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net




ڪمپوزنگ:

سعيد سنڌي، جيڪب آباد

saeedsoomro786@yahoo.com

sisoomro@hotmail.com

# فهرست


1. دريا خان دولهه ـــــــــ جي ايم سيد
2. هوشو شيدي ـــــــــ منصور قادر جوڻيجو
3. بختاور لاشارڻ ـــــــــ مير محمد ٽالپر
4. هيمون ڪالاڻي ـــــــــ ناز سنائي
5. روپلو ڪولهي ـــــــــ اسرار شام

# شهيد دولهه دريا خان

## جي ايم سيد

سومرن جي حڪومت ڪمزور ٿيڻ بعد انهن جي آخري حاڪم همير کي سمن قتل ڪري ان جي جاءِ تي سنڌن سردار اُنڙ پٽ پنيي کي ڄام جو لقب ڏئي سنڌ جي گهٽي پاڳي تي حاڪم مقرر ڪيو. جيئن ته سنڌ جي پنهي بهترين گهراڻن جي مستند تاريخ اڄان تائين لکي ڪانه وئي آهي، ان ڪري انهيءَ جي حڪومت جو مفصل احوال ميسر تي نه سگهيو آهي. پر ڇچنامه ۽ تحفت الڪرام وغيره جي مختلف روايتن جي بنا تي **1360**ع کان پوءِ ان گهراڻي جي شروعات شمار ڪري سگهجي ٿي. جا **1520**ع تائين هلي اٽڪل **120** ورهيه ڪن حڪومت ڪيائون. ان عرصي ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انهي قبيلي جي سردارن جو تسلط هو، جي ننڍين رياستن وانگر اندروني طور آزاد هئا ليڪن سيئي سلامي وڏي حاڪم ڄام جي پريندا هئا.

اهو دور به سنڌ لاءِ امن امان، ترقي ۽ تمدن جو باعث رهيو آهي. انهن جي دور حڪومت ۾ ڪيئي وڏا ڳوٺ بڏاء، علم پکڙيو، هنر زور ورتو، قومي روايتون ۽ دستور به قائم رهيا. سنڌ جي غيرت، روايات، حب الوطني ۽ آزاديءَ جي حفاظت لاءِ سومرن پاڻ ملهايو ته سمن وري تهذيب ۽ تمدن کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي.

هن قبيلي ۾ ڪيترائي نامور حاڪم پيدا ٿيا جن مان ڄام تماچيءَ جو نالو خاص مشهور آهي. جنهن جي ڪينجهر جي مهاڻيءَ، نوريءَ سان رومانس جي قصي کي شاهه عبداللطيف نهايت عمده پيرايي ۾ بيان ڪري انهيءَ دور جي عمده تصوير ڪڍي آهي.

چوڻ ۾ اچي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ امن امان، آبادي ۽ هنر جي زور وٺڻ ڪري آسودگي اچي ويئي هئي. مدرسا کليل هئا. جتي حاڪمن عالمن، شاعرن ۽ راڳ جون مجلسون ٿينديون هيون. عمديون ٻيڙيون، ان جا رنگا رنگي سڙهه ۽ ساز و سامان مجلس جي رونق کي وڌائيندڙ هئا. ڪينجهر جو نظارو نهايت عمدو هو. شاهه صاحب ان لاءِ فرمائي ٿو ته:

هيٺ جـــر مٿي مجر، ڪنڌيءَ ڪـــونر ٽڙن،
ور تـــي واهوندن، ڪينجهر خستوري ٿـــي.
"شاهه"

اهڙي طرح گهمندي هن جي نوريءَ نالي عورت تي نظر پئجي ويئي، هوءَ هتين پيرين آرڪيٽن هئي هن جي من “گيرب ۾ گاءَ نہ هو، تنهن جي نيٽن راءَ ڪي ريجهائي ڇڏيو، نيٺ سمي سجاٽي پيڙو ٻانهن ۾ ٻڌي ڪٽي راڻين ۾ شامل ڪيس پوءِ تہ ڄام مهاڻن تي مڙئي محصول معاف ڪري ڇڏيا ۽ اڪثر ڪينجهر جي ڪناري مجلسون ۽ محفلون ٿينديون رهنديون هيون. اتي ماڙي نهرايائين سندن قبرون مڪلي ٽڪريءَ تي شيخ حماد جماليءَ جي مقبري هيٺان آهن.

ان ڪان پوءِ انهيءَ گهراڻي جو ٻيو مشهور حاڪم ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو ڄام پنيي ٿيو. هي **866**هہ مطابق **1462**ع تي تخت تي ويٺو . سندس ڏينهن ۾ حڪومت اتر طرف وڌي ٻهاولپور تائين وڌي پکڙي الهندي طرف سبي تائين تہ ساري موجوده سنڌ سندس قبضي ۾ هئي. هي پاڻ وڏو عالم هو، عالمن درويشن جي صحبت کي پسند ڪندو هو. نهايت اعلىٰ منتظم، منصف مزاج ۽ سخي هو. هن جي حڪومت **48** سال هلي. ان وچ ۾ نهايت امن امان قائم ٿيڻ ڪري ملڪ ترقي ڪئي. هن اڳيون ساموئي يا سمانگر ڇڏي ان جي ٽن ميلن جي مفاصلي تي موجوده ٺٽي جو شهر نئين سر ٻڌايو. جنهن ٿوري وقت اندر مدرسن، واپار، ڪارخانن ۽ عالمن وغيره جي ڪري نهايت زور ورتو. اهو سمن جي اوج جو دور هو.

نواب دريا خان هن مصنف مزاج، منتظم ۽ مردم شناس حاڪم جو وزيراعظم هو. ان بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اصل ۾ هي ڄام صاحب جي وزير لڪمير وٽ نوڪر هو. سندس اصل نسل جو پورو پتو نٿو پوي. سندس اوائلي نالو قبوليو هو. هڪ دفعي ڄام نندو شڪار تي نڪتو ساٿس وزير لڪمير بہ گڏ هو. رستي تي ڄام صاحب کي اُڃ لڳي. ڄام صاحب جو نوڪر پري هو ان ڪري قبولي ڇوڪري کيس پاڻي آڻي ڏنو. ڄام صاحب ڏٺو تہ ان ۾ ڪي ڪک پيل هئا. ان بابت ڄام صاحب سبب گهريو. هن جواب ۾ ٻڌايس تہ قبلا جن کي سخت اُڃ هئي يڪدم پاڻي پي وري سواري ڪن ها تہ طبيعت تي خراب اثر پوي ها. ان ڪري ڪک وجهي ڏنم تہ سائين جن آهستگيءَ سان پاڻي پيئن. سندس اهڙي عقل واري جواب ڪان ڄام صاحب متاثر ٿي کيس پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيو. جتي آهستي آهستي ترقي ڪندو تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ بعد لياقت ۽ ايمانداريءَ ڪري پهرين وزير ۽ پوءِ وزيراعظم جي درجي تي پهچي نواب خان اعظم ۽ فرزند خاص جا لقب حاصل ڪيا. کيس فوجن جي سپهہ سالاري بہ ملي. هاڻ نواب دريا خان عرف نواب مبارڪ خان جي نالي سان سڏجڻ لڳو. هي انهيءَ عرصي ۾ سنڌ جي مڪاني بدامنين کي دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان ڪري ساري صوبي جي حڪومت گهڻي وقت تائين نهايت امن امان ۽ خوش اسلوبيءَ سان هلڻ لڳي. انهن ڏينهن ۾ بابر بادشاهہ سمرقند ڪان نڪري اچي ڪابل ۾ ديرو ڄمايو هو. شاهہ بيگ ارغون ان جي خوف ڪان ٻئي ملڪ وسائڻ جي خيال ڪان سنڌ تي سندس پاءُ مرزا

سلطان محمد جي هٿ هيٺ لشڪر چاڙهي موڪليو جن آگره، چاندڪاء منديجا ۽ ماڇين جو ڪوٽ اچي ڦريا ۽ لٽيا. ان خبر پوڻ تي جام نندي وڏو لشڪر نواب دريا خان جي هٿ هيٺ ان جي مدافعت ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. جنهن هلوڪر ڳوٺ وٽ ڀهرين جنگ ۾ ارغونن جي لشڪر کي شڪست ڏني. جنهن ۾ شاهه بيگ جو ڀاءُ سلطان محمد مارجي ويو. باقي سندس بچيل لشڪر قنڌار ڏانهن ڀڄي ويو. اها معمولي ڪاميابي ڪانه هئي. افغانستان ڪان اينڌڙ سپاهين جو هندستان ۽ سنڌ تي ڌاڙو وجهڻ هو. انهن کي اهڙي شڪست فاش ڏيڻ ڪري جام نندي جي حياتيءَ ۾ ارغونن سنڌ ڏي رخ نہ رکيو. اها نواب دريا خان جي بهادري ۽ قابليت جو ڪليل ثبوت هو.

انهن ڏينهن هڪ ٻيو واقو سرزد ٿيو. جيتوڻيڪ اهو ظاهر ۾ خاص اهميت رکندڙ نہ هو پر ان مان نواب دريا خان جي سياسي دانشمندي ۽ معاملہ فهميءَ جو پتو پوي ٿو.

سيد محمد ميران شاهہ **867**ھ ۾ جونپور جي شهر ۾ پيدا ٿيو، جو علم پڙهي وڏي لياقت جي درجي تي پهتو هو. پوءِ روزا، زهد، تقويٰ ۽ وظائف جي ذريعي صاحب ڪمال ٿيو. سندس معتقدن جو چوڻ آهي تہ هڪ دفعي حسب معمول پنهنجي ورد وظائف ۾ مشغول هو تہ کيس اهو آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ "**تون مهدي آهين**" آخر اهو آواز مسلسل ٻڌڻ بعد هن کي سندس مهدپيٽي جو يقين ويهي ويو. مسلمانن جي هڪ گروهہ ۾ گهڻي وقت کان اهو عقيدو رهندو پئي آيو آهي تہ آخر زمان ۾ امام مهدي پيدا ٿيڻ وارو آهي هو ساري دنيا جي مسلمانن کي متحد ڪري دنيا تي غلبہ اسلام لاءِ بيعت وٺي جهاد ڪري ساري دنيا کي زوريءَ يا خوشيءَ سان دائري اسلام ۾ آڻيندو. انهيءَ طرح سان اسلام جي پيدا ٿيڻ جي مشن تي اسلام، انسان ذات جي وچ ۾ اتحاد، امن ۽ ترقي آڻيندو، مڪمل ٿيڻ واري آهي.

اهو عقيدو صرف مسلمانن ۾ نہ وينل آهي پر قريبن هر عالمگير مذهب جي ڪن گروهن ۾ گهڻي وقت کان سندن نشاط ثانيہ لاءِ وينل آهي تہ منجهان ڪو ماڻهو پيدا ٿي انهيءَ مذهب کي ساري دنيا ۾ رائج ڪندو. هندن مان ڪن ۾ وشنو مهاراج جي نئين سر اوتار ٿي اچڻ بعد هندن جي دنيا تي تسلط ويهڻ جو اعتماد وينل آهي. اهڙي طرح حضرت عيسىٰ جي وري پيدا ٿي دنيا کي دين مسيحي تي آڻڻ جو عقيدو بہ ڪن عيسائن ۾ وينل هو. ان عقيدي کي مدنظر رکي دنيا جي مسلمانن ۾ ڪيئي ماڻهو اهڙي دعويٰ ڪندي پيدا ٿي ماڻهن ۾ وقتي اتحاد ۽ جوش جاڳائي وري ختم ٿي ويا. آءُ ڪيتري دفعا پنهنجي تحريرن ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ ملا جي مذهبي تشريح واري اسلام ۾ دنيا تي غلبہ اسلام جو تخيل ڪن مسلمانن تي گهڻي وقت کان وينل آهي. ڪن خلافت کي ان جو مرڪز بنائي انهيءَ مقصد

جي حصول لاءِ ڪوشش ڪئي، ڪن مجدد بنجي دين کي نئين سر زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪيترا مهدي سڏائي، تبليغ ۽ جهاد ذريعي اسلام جي فروغ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳا، ڪن هاڻ ان کي اسلام ازم جي تحريڪ سڏي ان ڏس ۾ مسلمانن کي متحد ڪرڻ جو آواز اٿاريو آهي. مطلب ته اهو عقيدو مختلف شڪلين ۾ مسلمانن اڳيان پئي پيش آيو آهي. مصر ۾ مهدوي حاڪمن جي تحريڪ شيعن جي هڪ گروهه ٻارهين امام جي گم ٿي وري آخر زمان ۾ پيدا ٿيڻ جي اميد شيخ سنوسي جي تحريڪ، مهدوي سوڊاني جي تحريڪ، سڀ انهيءَ تخيل جي پيداوار آهن جنهن جو پرچار سيد محمد ميران شاهه جونپوري ڪيو ٿي.

ڪيترا ويساهه وسوڙيل ماڻهو اجا تائين انهيءَ اميد تي پيا هلن ليڪن اها به حقيقت آهي مسلمان درويشن، عالمن ۽ سياستدانن جو هڪ گروهه به پئي رهيو آهي جنهن کي اسلام جي اهڙي تشريح ۽ اعتقاد رهيو آهي، نه انهيءَ قسم جي تحريڪن کي ممڪن العمل ۽ صحيح سمجهيو اٿن. هن زماني ۾ علم ۽ سائنس جي واڌاري ڪري شايد اهڙا گهٽا ماڻهو نڪرن جي اهڙن فريب ده عقيدن ۾ ويساهه نه رکن، ليڪن سنڌ جهڙي پنتي پيل ملڪ ۾ پنج سئو ورهيه اڳ اهڙا ترقي پسند خيال ته اهو عقيدو غلط ۽ اڻ ٿيڻ جوڳو آهي حڪومت جي مدير نواب دريا خان طرفان ظاهر ٿيڻ غير معمولي ڳالهه هئي.

نائين صدي هجري جي آخر ۽ ڏهين صدي وارو زمانو هندستان اندر بدامني ۽ طوائف الملوڪي جو هو. بادشاهيون ٺهنديون ۽ ڊهنديون رهيون ٿي. اهڙي ڪا مرڪزي حڪومت باقي نه رهي هئي جو هندستاني مسلمانن جو شيرازو درست ڪري غلبه اسلام آڻي. حق تي هلندڙ عالم دين گهٽ ٿي ويا هئا. پيران طريقت جي بد عملن ڪري مسلمانن ۾ گمراهي پيدا ٿيڻ لڳي هئي. اهڙين حالتن هيٺ سيد صاحب جي نئين پيغام ۽ تحريڪ ماڻهن تي چڱو اثر پيدا ڪيو. ٿوري وقت اندر هزارين ماڻهو سندس حلقه اثر هيٺ داخل ٿي ويا ۽ ڪيترن ئي ملڪن جا مسلمان حاڪم به سندس مريديءَ جي دائري ۾ داخل ٿي ويا. انهيءَ تحريڪ جا مک اصول هيٺيان هئا.

(**1**) **هجرت ڪرڻ**: سندس چوڻ هو ته جيستائين ماڻهو قيد وطن کان آزاد ٿي گهر ٻار جو سانگو لاهي لڳ لاڳاپا ڇڏي مهدوي تحريڪ ۾ شريڪ نه ٿيو آهي ان وقت تائين منجهس ڪا وڏي اميد رکڻ اجائي هئي. ان راهه ۾ ترڪ وطن ضروري هو. موجوده زماني ۾ علامه اقبال جو وطن کي بت سڏي ، نظريه جي بنياد تي بين الاقوامي لاڳاپن جي جدا قوم بنائڻ، ڪم و بيش ان ساڳي تخيل جي پيداوار آهي.

(**2**) **ترڪ مال:** سنڌن رايو هو ته غلبهٔ اسلام جي راهه ۾ بي جا رنڊڪ هئي سا شخصي مال ملڪيت جي محبت هئي. ان ڪري ان تحريڪ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ هر پوئلڳ جو فرض ٿيو پوي ته هو ساري ملڪيت مهدوي تحريڪ جي حوالي ڪري غلبهٔ اسلام جي لاءِ ڪم آڻڻ ۾ مدد ڪري.

(**3**) **جهاد:** ٽيون شرط ان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اهو هو ته ان جو پوئلڳ سڀ لاڳاپا لاهي سر تريءَ ته رکي خوف خطرا ڦٽا ڪري تلوار هٿ ۾ کڻي مهدي جي حڪم تي غلبهٔ اسلام لاءِ لڙي.

مذهب جي نالي تي ماڻهن کي استعمال غرضي ( **ايڪسپلائيٽ** ) ڪرڻ جا تاريخ ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا. يورپ جون صليبي جنگيون ان جو هڪ مثال آهن، جتي نيٺ گهڻي غور فڪر ۽ تجربي بعد ماڻهو ان نتيجي تي پهتا ته ڪنهن هڪ مذهب کي آخري ۽ مڪمل سمجهي، دنيا تي زوريءَ تسلط ڪرڻ جو خيال فرسوده ۽ خودفريبيءَ کان مٿي نه هو. سڀني مذهبن پنهنجي بنيادي وحدت سمايل هئي. جنهن جو مقصد اتحادِ انساني، امنِ عالم، ترقي ۽ فلاحِ بني آدم هئا. اهي مقصد محبت، تاليف قلوب، اهنسا ۽ باهمي سمجهوته، اخلاقن جي درستي ۽ نفسي اصلاح جي ذريعي حاصل ٿيڻا هئا. نه چند عقيدن ۽ دستورن جي مذهب کي جهاد ذريعي دنيا تي زوري مسلط ڪرڻ سان. جڏهن سيد محمد ميران شاهه سنڌ ۾ آيو ته ڪيترا ويساهه وسوڙيل ۽ پراڻي خيال جا عالم ۽ ماڻهو ان تحريڪ جي طرف ڇڪجي ويا ۽ ان جي حلقهٔ اثر ۾ اچڻ لاءِ آماده ٿيا. سيد صاحب جڏهن ٺٽي ۾ جام نظام الدين عرف جام نندي وٽ آيو ۽ سنڌس تحريڪ جي مقاصد کان واقف ڪري ڪيس پنهنجي حلقهٔ اثر هيٺ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو ته ان وقت نواب دريا خان صحيح راءِ قائم ڪري جام صاحب کي هن جي حلقهٔ اثر ۾ اچڻ کان روڪي ميزبانيءَ جا فرائض ادا ڪري جلد بنا مطلب حاصل ڪرڻ جي ڪيس اجازت ڏيئي روانو ڪري ڇڏيو. ان مان نواب دريا خان جي قوم پرست خيالن ۽ سياسي تدبر جي پختگي معلوم ٿئي ٿي.

جيتوڻيڪ جام صاحب جي دربار سان تعلق رکندڙ قاضي قاضن ۽ ٻيا هن جا معتقد بنجي ويا.

هتي هيءَ ڳالهه ڪرڻ به ضروري آهي ته نواب دريا خان کي جام صاحب طرفان ڳاهن جي پر ۾ موجود ٺلتي جي نزديڪ جاگير مليل هئي، جتي سنڌس فرزند رهندا هئا. ۽ پاڻ به اڪثر اوڏانهن ويندڙ هو.

اتي جو مخدوم بلاول عليہ الرحمته سمه خاندان مان هو باغبان ۾ رهندو هو. نواب صاحب ان جو عقيدتمند ۽ صحبتي هو. تنهن ڪري مخدوم صاحب جا سڀ خليفه ۽ خاص ڪري سيد حيدر عليہ الرحمته سن وارو نواب صاحب جا دوست ۽ واقفڪار هئا.

خوشقسمتيءَ سان مخدوم صاحب ۽ سندس حلقه اثر جا درويش ٻه نواب صاحب جا هم خيال هئا. اهو پتو پوڻ مشڪل آهي ته اهڙا خيال نواب صاحب جي ڪري مٿين درويشن تي پيا هئا يا انهن جي صحبت نواب صاحب کي انهيءَ خيال جو بنايو هو.

سيد محمد ميران شاهه جام صاحب کان رخصت ٿي پيڙين جي قافلي ذريعي دريا رستي سنڌ مان سندس تحريڪ جي تبليغ ڪندو سکر طرف افغانستان ڏي وڃڻ لاءِ روانو ٿيو.

مخدوم بلاول عليه، سيد عبدالرزاق لڪياري ۽ نواب صاحب ان تحريڪ کي ملڪي سالميت ۽ قوم پرستي جي اصولن خلاف سمجهي مشورو ڪري سيد حيدر علي شاهه سن واري هٿان سيد محمد ميران شاهه جي پيڙين جي قافلي کي ٻوڙائي ڇڏيو. جنهن ڪري سيد صاحب سندس تحريڪ لاءِ حالتون ناساز گار ڏسي سنڌ ۾ وڌيڪ تبليغ بند ڪري سڌو خشڪيءَ رستي افغانستان هليو ويو. ان جو وڌيڪ احوال مخدوم صاحب جي زندگيءَ ۾ ڏنو ويندو. سنڌ جي بدقسمتيءَ سان جام نظام الدين صاحب **914**هه مطابق **1508**ع وفات ڪئي. سندس وفات مهل جام صاحب نواب صاحب کي سندس پٽ جي پارت ڪئي.

ان کان پوءِ جام فيروز ۽ جام صلاح الدين جام سنجر جي پوٽي جي وچ ۾ گاديءَ تان تڪرار ٿي پيو جنهن ۾ نواب دريا خان جي مدد سان جام فيروز ڪامياب ٿيو. جنهن تي جام صلاح الدين گجرات طرف سندس ناني سلطان مظفر وٽ رهڻ لڳو.

جام فيروز نوجوان هو، گهڻو وقت راڳ روپ ٻڌڻ، ڇوڪرين جي ناچ ڏسڻ، مسخرن جي صحبت ۽ ٻين اهڙي قسم جي عياشي جي ڪمن ۾ گذاريندو هو.

حڪومت جو ڪاروبار سمورو نواب دريا خان جي مٿان وجي پيو. پيدائش جي زيادھ ٿيڻ ڪري شاهي خاندان جا فرد ۽ دربار سان لاڳاپيل وارا ماٺهو فضول خرچ ۽ چڙواڳ ٿي ويا هئا. جن جي ڪارگذارين تي نواب صاحب کي سختي ڪرڻي پيئي. ان تي جام صاحب ۽ نواب صاحب جي وچ ۾ شڪر رنجي ٿي پيئي. تنهن ڪري وزارت مان استعيفا ڏيئي اچي سندس جاگير ڳاهڻ ۾ رهڻ لڳو. ان کان پوءِ جام فيروز جي رنگ رلين تي نظر ڪرڻ وارو ڪونه بچيو . جام فيروز ان تي اڪتفا نه ڪئي پر نواب دريا خان جي طاقت ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪيبڪ ارغون ۽ ٻين ٻاهرين ماڻهن کي نوڪريءَ ۾ رکيو. جام فيروز هڪ خاص محلات انهن جي رهڻ لاءِ مقرر ڪيو جو مغل واڙو سڏجڻ ۾ ايندو هو.

ان حالتن کي ڏسي ان مغلن مان مير قاسم ڪيبڪ شاهه بيگ ارغون کي لکي موڪليو ته جام جي حڪومت ڪمزور ٿي وئي آهي جام صاحب سندس عياشين ۾ مشغول آهي، نواب دريا خان هن کان جدا ٿي ويو آهي، ميدان خالي اٿئي، موقعي مان فائدو وٺڻ گهرجي. ان شاهه بيگ ارغون وري سنڌ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا، پهرين سکر، پوءِ سيوهڻ فتح ڪيا. آخر ۾ ٺٽي تي ڪاهي آيو. تڏهن جام جي اک کُلي هن نواب دريا خان کي

گهرائي ورتو. حالتون خراب ٿي چڪيون هيون. باوجود ان جي نواب صاحب آخري دم تائين سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ عزت خاطر لڙندو رهيو ۽ شهيد ٿيو. لڙائي هلندي ڄام فيروز ڀڄي وڃي پير پَٽي طرف لِڪو جتان آخر شاهه بيگ کي رحم جي درخواست ڪري معافي وٺي صلح جا شرط قبولي ارغونن جي تابع ٿي هڪ محدود ٽڪري تي رهڻ لاءِ رضامند ٿيو.

نواب صاحب سنڌ جي آزادي خاطر سر ڏيندڙ، سورمن، مدبرن ۽ صحيح رايا رکندڙ محب وطنن مان مکيه هو. ان کي تنهنڪري سنڌ لاءِ شهيد ٿيندڙ ۾ ٿيون نمبر شمار ڪريون ٿا.

ان جي مزار سندس مربي ڄام نظام الدين جي الهندي طرف مڪلي ٽڪريءَ تي آهي.

سنڌ جو مشهور مورخ سيد پير حسام الدين راشدي مڪلي نامہ ۾ سندس هيٺين خيالن جو اظهار ڪري ٿو: ” نواب دريا خان ابتدا ۾ لاوارث ڇوڪرو هو. بادشاهه منجهس ڪارڪردگيءَ جا جوهر ڏسي، پاڻ وٽ آڻي اعليٰ تربيت ۽ تعليم ڏيئي معمولي ملازم جي درجي تان مٿي چاڙهي ڪيس وزير اعظم جي درجي تي آندو، سنڌ جي فوجن جي سپهه سالاري به سندس سپرد ڪئي. مبارڪ خان، خان اعظم جا خاص خطاب ڏيئي سندس مرتبو بلند ڪري آخر ڪيس پنهنجي فرزند جي لقب سان سرفراز ڪري عروج ۽ اقبال جي آخري منزل تي پهچايو“.

مردم شناس سلطان جي منتخب ڪيل ماڻهو، سندس ڪارڪردگي سبب بادشاهه جي زندگيءَ ۾ نمڪ حلالي ۽ جفاڪشي ڪندي سموري سلطنت جو ڳاٽ اوچو رکيو. بلڪ سندس وفاتيءَ کان بعد به اهو اڪيلو امير هو جنهن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ مسلسل جدوجهد جاري رکي، پنهنجي جيئري مغلن کي ٺٽي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو. اول ۾ دره بولا خان وٽ پهچي کين شرمناڪ شڪست ڏيئي پنتي هٽايو. آخر ۾ ٺٽي جي ڇائڻ وٽ لڙندي وڙهندي تير ۽ تلوارون هٽندي ۽ کائيندي پنهنجو سر صدقو ڪري ڇڏيو.

ان کان پوءِ ” خرابي سنڌ “ جو باب کلي پيو. جنهن نہ صرف ٺٽي بلڪ ساري سنڌ لاءِ غيرن جي غلاميءَ جو رستو هموار ۽ صاف ڪري ڇڏيو. اهو واقعو **926**هه مطابق **1420**ع تي سرزد ٿيو.

ان کان پوءِ سنڌ **1131**هه مطابق **1719**ع تائين غيرن جي غلامي هيٺ رهي. جنهن کي ميان نور محمد صاحب ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ مٿي ڪنهڻ جي فرصت ملي. پر سندس ڏينهن ۾ نادر شاهه جي ڪاهه وري سنڌي حڪومت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو.

حق ته اهو آهي ته هھڙي بهادر، سرويچ، مدبر شهيد سنڌ جون سال بسال ورسيون ملهائي يادگار قائم ڪريون.

بنا ڪرند خوش رسمي، بخون و خاڪ علطيدن
خـدا رحمت ڪند ايـن، عـاشقان پاڪ طينت را.

معنيٰ: خدا رحمت ڪري انهن پاڪ صفت عاشقن تي جن پنهنجا رت هاري سنڌن بهادري ۽ قربانيءَ جا مثال قائم ڪري ڇڏيا آهن. وري پير حسام الدين شاهه مڪلي نامه ۾ لکي ٿو ته:-

” نواب دريا خان سنڌ کي هر لحاظ سان مضبوط ۽ محڪم ڪيو. ان جي فوجي، سياسي، خواهه سماجي ۽ اقتصادي صورت کي اهڙيءَ ڪريءَ تي بيهاريو جو مورخن جو متفقه قول آهي ته اهڙو زمانو سنڌ نه پهرين ڏٺو نه پوءِ. انهيءَ ۾ تعميري، رفاهي صلاحيتن سان گڏ منجهس آزادي ۽ وطن پرستيءَ جو جيڪو رنگ هو اهو سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيس هميشه زنده ۽ پاينده رکندو. سر جا سانگا لاهي وطن کي ڌارين جي قبضي کان آزاد رکڻ لاءِ هن جيڪا جدوجهد ڪئي اها سنڌ جي تاريخ ۾ مثالي آهي.
سندس سمورو خاندان انهيءَ رنگ ۾ رَتل هو. سندس سيئي مٽ مائٽ، دوست، خواهه جري جوان ۽ بهادر هئا. علاؤالدين منجهن عالم نڪتو. محمود خان ۽ موٺڻ خان سپاهي مرد هئا. پڇاڙي سوڌو ارغونن سان خوب وڙهيا. سارنگ خان چوٿون نمبر فرزند هوس جو ٻه پنهنجو مٽ پاڻ هو“.

( مڪلي نامه: پير حسام الدين شاهه راشدي )

# شهيد هوش محمد شيدي

## منصور قادر جوڻيجو

سنڌ جي جڳ مشهور دانشور جي الانا صاحب پنهنجي ڪتاب ، ”اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ “ ۾ لکي ٿو ته ” هوشوءَ جي جمڻ جي صحيح تاريخ جي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي، پر مير فتح علي خان جي فرزند مير صوبدار خان جي جم جي تاريخ جو علم آهي، جيئن ته هوشو شهيد ، مير صوبدار خان جو هم عمر هئڻ سان گڏ سندس سنو ساٿي ۽ دوست پڻ هو تنهن ڪري ان مان اندازو ڪڍي سگهجي ٿو ته هوشو شيدي 1801 ع ڌاران ڄائو هوندو.“ جي الانا جهڙي بلند پايي جو دانشور ان ڳالهہ جي پڻ تصديق ٿو ڪري ته ” سنڌ جي تاريخ ۾ هوشوءَ جي حياتيءَ بابت ڪوگهڻو احوال نٿو ملي پر ٿورا اشارا ملن ٿا.“ هيڏي بهادر سنڌي جرنيل جو سنڌ جي تاريخ ۾ اشارن ۾ ذڪر ملي ٿو ان ڪان وڌيڪ نا انصافيءَ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي سنڌ جي تاريخ سنڌين جي معاملي ۾ گونگي رهي آهي پر تاريخدان بہ گونگا رهيا آهن . نہ صرف هوشوشهيد جو ذڪر پر سنڌ جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ اهڙي عظيم ۽ بهادر اڳواڻ جو ذڪر چند سٽن ڪان مٿي ملڻ مشڪل آهي . پوءِ اهو هوشو شهيد هجي، پير پاڳارو سورهيہ بادشاهہ هجي، هيمون ڪالاڻي هجي، دولهہ دريا خان هجي، دودو سومرو هجي يا روپلو ڪولهي هجي. پر سنڌ جي تاريخ ۽ تاريخدان انهن جي، حق انصاف، سچائي ۽ آزاديءَ واري جنگ ۾ ڏنل جان جي قربانيءَ تي بہ خاموش آهن، ٿي سگهي ٿو ته ٽالپرن ڄاڻي واڻي هوشوءَ جي بهادري ۽ سورهيائپ کي لڪائڻ جي سازش ڪئي هجي ته مٿان ”هڪ غلام جو ڏرتيءَ سان پيار محبت ۽ سچائي نروار ٿي پوي ۽ ٽالپر حڪمرانن جي غداري ۽ ڪپت مٿان هڪ غلام ۽ ٻانهي جي سچائي ۽ وفاداري ظاهر ٿئي ۽ هو ڏنا ٿين“. پر ڪاري ٻاٽ اونداهيءَ ۾ بہ سج جو هڪ ڪرڻو روشنيءَ جي علامت بڻجي ويندو آهي، حقيقت بہ اها ئي آهي ته سنڌ جي تاريخ جا صفحا انهن قورن لٽيرن ۽ استحصالي فاتحن ڪان حق، انصاف ۽ سچائيءَ سان سنڌ جو بچاءُ ڪندڙن کي تاريخ جي صفحن مان جلاوطن ڪيو ويو آهي.

# جنرل هوشو ۽ ڌاريو ڪيپٽن

شهيد هوشو شيديءَ نه ڪي ڪتاب لکيا آهن ۽ نه ئي ڪا قومي شاعري ڪئي پر هن پنهنجي ڌرتي ماءُ جي آزادي جو بچاءُ ڪندي، انگريز سامراج خلاف هڪ سٽ چئي ته ” مر ويسون سنڌ نه ڏيسون.“ ۽ اها سٽ سوين ڪتابن ۽ شعرن کان وڌيڪ اثرائتي بڻجي هر هڪ آزادي پسند جي زبان جي جنبش ۽ دل جو ڌڙڪو بنجي ويئي . ۽ هوشو جي اهڙي بهادري جي ساراهه پڙهي هڪ ڌاريو ڪيپٽن معين الدين هزارين ميل پري کان هوشوءَ جي قبر تي سلامي ڏيڻ آيو . گلن جي چادر وٺي جڏهن حيدرآباد واري پڪي قلعي تي پهتو ته سندس حيرت جي حد ئي نه رهي . چو ته ڪنهن ٻڌايس ته ” ڪهڙو هوشو ۽ ڪنهن جي قبر ؟ قلعي ۾ ڪنهن هوشو نالي واري ماڻهو جي قبر ناهي.“ ۽ توري گهڻي معلومات ۽ ڄاڻ حاصل ڪري ”جنهن ڏينهن هوشو شهيد ٿيو “ جي عنوان سان هڪ مضمون **28** مئي **1975**ع واري ”ڊان“ اخبار ۾ لکيائين ته”هڪ سپاهيءَ جي حيثيت سان شهيد هوشو شيدي جي بهادريءَ ۽ سورهائپ منهنجي دل ۾ هڪ خواهش کي جنم ڏنو ته اها جڳهه وڃي ڏسان جتي هوشو شهيد قومي آزادي ۽ انصاف لاءِ وڙهندي ڪنڌ ڪپايائيو پر جهڪايو نه. ۽ ان مقدس ڌرتيءَ تي عقيدت جي گلن جي ورکا ڪريان جنهن هوشوءَ جهڙي بهادر انسان کي جنم ڏنو ۽ جتي ئي دفن آهي ..... ! پر حيدر آباد قلعي تي پهچي ڏک ٿيو ته هتي هوشو شهيد جي قبر جو ڪوبه نشان موجود ناهي!!“ هڪ ڌارئي ماڻهوءَ کي هوشوءَ جي قبر جو ايترو فڪر ۽ ڳڻتي جيتري اسان کي به ناهي آخر ڇو؟ ساڳئي ئي مضمون ۾ ڪيپٽن صاحب لکي ٿو ته” هي عجب جهڙي ڳالهه آهي ته انگريز لشڪر جا سمورا عملدار، نان ڪميشنڊ توڙي سپاهي جيڪي جنگ ۾ مارجي ويا تن کي ميدان جنگ ۾ ئي پوريو ويو ۽ سندن قبرن جي وچ ۾ هڪڙو ئي يادگار نهرايو ويو. پر جيڪو انگريزن جو جاني دشمن هو، جنهن سموري سنڌ ڌرتيءَ ۾ انگريزن خلاف سخت جنگيءَ جذبو پيدا ڪيو هو، جنهن سنڌ جي پسگردائي وارن پرڳڻن جي مسلمانن قبيلن ۾ جهاد جو روح ڦوڪيو هو جنهن سنڌ جي عياش، سست، ڪاهل ۽ آرام پسند اميرن کي پنهنجي ڌرتيءَ جي آزاديءَ جي بچاءُ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو هو، جنهن هڪ ٻئي پٺيان ٻن لڙاين ( مياڻي ۽ دٻي ۾ انگريز فوجن کي گهڻي کان گهڻو نقصان پهچايو، اهو ئي شينهن ۽ بهادر انسان خود انگريزن هٿان مڪمل فوجي اعزاز سان دفنايو ويو، ۽ ڪيس مڪمل فوجي سلامي ڏني وئي ۽ سندس مزار تي هڪ توب پڻ نصب ڪئي وئي.“

# ڇا هوشو شيدي، مصر جي ميدان جنگ تي به وڙهيو هو؟

”سنڌ جي فتح “ نالي ڪتاب ۾ ايستائين به لکيل آهي ته جڏهن انگريز جنرلن ۽ فوجي ماهرن مياڻي ۽ دبي واري جنگ جا نقشا ڏٺا تڏهن وائڙا ٿي ويا ڇو ته( مصر جي فتح وقت ) نيپولين بونا پارٽ جي حملي دوران، مصر جو جنگي نقشو ۽ سنڌ جو جنگي نقشو بلڪل هڪ جهڙو هو ، تڏهن انگريز جنرلن ۽ جنگي ماهرن کي اچي فڪر ۾ گهٽي ورايو ته آخر اهو ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو مصر جي ميدان جنگ تي به آزاديءَ خاطر ۽ هتي به وڙهي رهيو آهي . جڏهن هوشو ٿيو .تڏهن انهن کي ان سوال جو جواب مليو ۽ ڪين پڪ ٿي ته هي ماڻهو هوشو ئي هيو جنهن اتان جو نقشو ناهيو هو.“

يعني هوشو شهيد نه رڳو سنڌ جي آزاديءَ جو بچاءُ ڪيو پر لڳي ٿو ته دنيا ۾ جتي به قومي آزاديءَ کي خطرو محسوس ٿيو آهي، هوشو اتي وڃي وڙهيو آهي. هن ويهن صديءَ ۾ ” چي گويرا “ هڪ اهڙو ديومالائي ڪردار آهي جيڪو دنيا جي غلام قومن ۽ غلام ملڪن جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي ملڪ جي سرحدن کان ٻاهر وڃي وڙهيو آهي پر چي گويرا کان به هڪ صديءَ اڳ سنڌ ڌرتيءَ جو هي عظيم جوڌو هوشو شيدي هو جيڪو غلام قومن ۽ غلام ملڪن جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ کان به ٻاهر وڃي وڙهيو آهي ۽ اهو ڪتاب يعني ” سنڌ جي فتح “ سنڌي ادبي بورڊ وارن ترجمو ڪرايو هو پر اڄ تائين قلمي صورت ۾ ڪنهن الماڙيءَ ۾ اڌوهيءَ جي آسري تي آخري پساهن ۾ آهي ان ڪري نٿو ڇپايو وڃي ته ان ۾ وقت جي حاڪمن ( ٽالپرن خلاف سچيون حقيقتون لکيل آهن). آخر ۾ اهو ڪهڙو انصاف آهي ته جيڪو سچ انگريزي ڇپيل هجي اهو سنڌي صورت ۾ نه اچي. وقت جي ضرورت آهي ته اهو انگريزيءَ کان سنڌيءَ ۾ به ظاهر ٿيڻ ڪپي .

# جنرل هوشو شهيد جي قبر ڪٿي آهي ؟

هن اهم تاريخي مسئلي جي ابتدا ۽ شروعات ڪيپٽن معين الدين واري ” ڊان اخبار “۾ لکيل مضمون کان ٿي، ان کان پوءِ ”عبرت اخبار“ ۾ آچر **12** جنوري **1979** ع ۾ سنڌ جي ناماري محقق ۽ تاريخدان پير علي محمد راشدي ” رند ۽ پنڌ “ نالي ڪالم ۾ ان سوال کي ٻيهر اٿاريو ته هوشو شهيد جي قبر ڪٿي آهي.... ؟؟ پير صاحب لکيو ته ” جيستائين منهنجي مطالعي جو تعلق آهي ته حيدرآباد واري قبر هوش محمد شهيد جي نه، پر ٽالپرن جي هڪ توبچيءَ جي تربت آهي . جنهن جي نالي جي خبر ناهي..... !“ مسٽر ايچ ٽي

ليمبرڪ جي هڪ مقالي جو حوالو ڏيندي جيڪو ايچ ٽي ليمبرڪ **24** فيبروري**1934** ع تي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي آڏو پڙهيو پير صاحب لکي ٿو ته شير سنڌ، مير محمد خان ٽالپر جي هڪ بهئي سپاهي کي جيڪو توب انداز هو، هي اعزاز ميسر ٿيو ته اهوئي پهريون ( ***Unknown Warrior*** )نامعلوم جوڌو شمار ٿئي، سر چارلس نپيئر جي حڪم سان ان سپاهيءَ جو لاش ميدان جنگ مان کڻي آڻي حيدر آباد جي قلعي ۾ دفن ڪيو ويو ۽ سندس قبر تي هي قطبو لڳايو ويو ته:

”هي آخري آرام گاهه ميرن جي هڪ اهڙي بهادر سپاهيءَ جي آهي جيڪو حيدرآباد واري جنگ ۾ ڏاڍي بي جگري ۽ بهادري سان وڙهيو.“

پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سنڌ جي هڪ بهئي دانشور ۽ محقق ڊاڪٽر غلام علي الانا راشدي صاحب جي ان راءِ سان اختلاف ڪندي ڪيپٽن معين الدين جي راءِ سان اتفاق ڪندي ظاهر ڪيو ته ” شهيد هوشو شيدي جي قبر قلعي ۾ اندر آهي.“ پاڻ ڳوٺ باغ، قليلي جي وينل هڪ ٻيڙي ”جيئي پٽي“ سان ٿيل ملاقات جو ذڪر ڪندي ڄاڻائي ٿو ته” ان ٻيڙي جيئي پٽي جي چوڻ موجب ته هوشوءَ جي قبر پڪي قلعي ۾ آهي، جنهن کي انگريزن وڏي شان ۽ شوڪت سان دفن ڪرايو هو، يعني مڪمل فوجي اعزاز ۽ سلاميءَ سان هن ٻڌايو ته سندس پوئينرن مان اڄا تائين محبوب شيدي جيئي شاهه، حاجي لڪانو شيدي ۽ حاجي عثمان شيدي. هوشو جي خاندان منجهان آهن“.

اڳتي هلي ڊاڪٽر الانا صاحب لکي ٿو ته ”هوشوءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪير هو جيڪو انگريزن خلاف ايڏي بي جگري ۽ بهادري سان وڙهيو، اهو بيان ٻيو ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته سر چارلس نپيئر ان نامعلوم جوڌي جي لاش کي قلعي ۾ کڻي اچي دفن ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جيستائين مسٽر ليمبرڪ جي انهيءَ دعويٰ جو دليل نٿو ملي تيستائين ڪئپٽن معين الدين جي راءِ وزندار پئي معلوم ٿئي . هي ڳالهه سوچڻ جهڙي آهي ته جنهن شخص هوشو شيدي جي بهادري جي خود چارلس نپيئر ايڏي تعريف ۽ ساراهه ڪئي هجي، تنهن کي قلعي ۾ دفن ڪرڻ جو اعزاز ڇو نه بخشيو هوندائون ۽ آخرڪار بغير ڪنهن نتيجي تائين پهچڻ جي ۽ حقيقتن کي ڳولهي لهڻ جي پير علي محمد شاهه راشدي هي لفظ چئي بحث کي پڄاڻي تي پهچايو ته:

”هوش محمد جي قبر صوبدار واهه تي نهرائڻ يا قلعي واري قبر تي پوڄا پاٺ ڪن . منهنجو ان سان ڪوبه واسطو ناهي . مون اڳتي هوشوءَ بابت ڪجهه به لکڻ کان بس ڪئي ... !!“ ۽ اهو بحث اتي ئي وڃي ختم ٿيو.

پر اڄ وري ساڳئي دفن ٿيل مسئلي کي ٻيهر جياريو ويو آهي، اها هڪ حقيقت آهي ته انگريز بهادر جو قدر ڪندا هئا پر بنيادي طرح پاڻ بزدل، ڊڄڻا ۽ پاڙيا هئا، اسين مڃون ٿا ته انگريزن اسان کي علم جي ميدان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي چنڊي ڦوڪي صاف ۽ خوبصورت

ٻڌائي ڏنو ۽ لطيف جي شاعريءَ کي موجوده روپ ۾ سجائي ۽ سينگاري ڏنو، ٻئي طرف انگريز ايترو ته بزدل ۽ ڊڄڻا هئا جو هنن هيمون ڪالاڻي، هوشو شيدي ۽ پير صبغت الله شاهه ” سورهيه بادشاهه“ جي سدا زنده لاشن کي سنڌي ماڻهن جي حوالي ڪرڻ بجاءِ انهن کي نڌڻڪو سمجهي الائي ڪهڙي ماڳ تي موڪلي ڇڏيو. الائي ڪهڙي حالت ۾ دفنايو... !!؟. شايد کين ڊپ هو ته لاشن ڏيڻ کان پوءِ وڌيڪ جوش ۾ اچي هو وڌيڪ وڙهن.

پر اڄ به ساڳئي مسئلي تي سيني تاريخدانن ۽ دانشورن کي حيرت آهي ته آخر هوشو شهيد جي قبر ڪٿي آهي ؟ ڇو ته جيڪي قومون پنهنجي تاريخ جو بچاءُ نٿيون ڪن، انهن قومن جو تاريخ به بچاءُ نه ٿي ڪري. تاريخ ۾ اهي قومون زنده رهن ٿيون، جيڪي پنهنجي تاريخ جو رت جي ريج سان آبياري ڪن ٿيون پر جيڪي قومون پنهنجي هٿن سان تاريخ کي برباد ۽ تباهه ٿيون ڪن، اهي به تاريخ جي هٿان تباهه ۽ برباد ٿي وڃن ٿيون.

مان به ڪئپٽن معين الدين جي هن راءِ سان متفق آهيان ته هوشوءَ جي قبر حيدرآباد واري پڪي قلعي ۾ آهي، ڇو ته جيڪو ماڻهو هڪ بهادرجرنيل جي بهادريءَ جو داستان ٻڌي ان جي قبر مٿان گلن جي ورکا ڪرڻ لاءِ اچي ٿو ۽ اچي هوشوءَ جي قبر جي ڳولا ٿو ڪري. اهو ماڻهو انهن ماڻهن کان وڌيڪ سچي راءِ ڏئي ٿو سگهي. جيڪي پنهنجي گهر جي ايئرڪنڊيشنڊ، ڊرائنگ رومن ۾ ويهي هوشوءَ جي قبر ڳولڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. لطيف چواڻي ته ” رندن مٿان رت هار ته پسين هوت کي! “ تاريخ هڪ اهڙو حساس شعبو آهي، جنهن کي گهر ۾ ويهي نه ته ٺاهي ٿو سگهجي ۽ نه ئي ڊاهي ٿو سگهجي. نادان دوستن کان داناءَ دشمن بهتر آهن گوئٽي انسٽيوٽ ۾ ملهايل ”سنڌ جي مشهور شخصيتن“ بابت سيمينار ۾ مون جڏهن هوشوءَ جي قبر بابت ڪئپٽن صاحب جي راءِ کي سچ ثابت ڪيو ته ڊاڪٽر جي ايم مهڪري چيو ته توکي خبر آهي ته ”هوشوءَ“ جي قبر کي انگريزن آخر ۾ ڊائنا مائيٽ سان تباهه ڪيو هو.“ مون چيو ” نه تاريخ ۾ ته اهڙي ڪنهن به قسم جي شهادت موجود ناهي “ چيائين ته ” پوءِ توکي ڪابه خبر ناهي “!.....

سو جي ڳالهه هيءَ آهي ته جنهن بهادر انسان جي لاش کي انگريز مڪمل فوجي اعزاز ۽ سلامي سان دفن ٿا ڪن، ان جي قبر کي بم سان اڏائڻ ڇا معنيٰ ٿو رکي . پر تاريخ ۾ اهڙي ڪابه شاهدي موجود ناهي.

ڪئپٽن صاحب لکي ٿو ته ”هڪ ڪاري هيرو کي دفنايو پئي ويو، اهو هيرو جيڪو پاڻ انگريز نه هو، پر انگريزن جو خطرناڪ دشمن هو، جنهن هڪ شينهن جيان انگريز دشمنن جي فوجي صفن ۾ ٽاڪوڙو وجهي انهن جي جنگي ارادن کي درهم برهم ڪري ڇڏيو. جيڪو هڪ بهادر ۽ جنگي ماهر هو جنگ کان پوءِ انگريزن ان سنڌي جرنيل جو لاش حيدرآباد واري پڪي قلعي ۾ مڪمل فوجي اعزاز ۽ احترام سان دفنايو. اهو ڪارو هيرو ” هوش محمد شيدي “ هو.

# لاهور وارو قلعو ۽ حيدرآباد وارو قلعو

لاهور واري تاريخي شاهي قلعي کي ڏسڻ کان پوءِ جڏهن حيدرآباد واري قلعي کي ڏٺو ته وچي ته ڏک ۽ افسوس ٿو ٿئي. لاهور جي قلعي جا فاتح به انگريز هئا ته حيدرآباد واري قلعي جا فاتح به انگريز ..... ٻنهي ۾ بنيادي فرق هي آهي ته لاهور جو قلعو انگريزن سک حڪمران راجا رنجيت سنگهه کان فتح ڪيو جيڪي مذهبي لحاظ کان مسلمان نه پر سک هئا ۽ حيدرآباد وارو قلعو انگريزن ميرن ٽالپرن کان فتح ڪيو جيڪي مسلمان هئا. پر ورهاڱي کان پوءِ به سچائيءَ کي وري ڪوڙ جي چادر ڍڪائي لڪايو ويو. لاهور جي قلعي جو تحفظ ۽ بچاءُ ته ڪيو ويو جيڪو سکن جي تاريخ ٻڌيل هو پر حيدرآباد واري تاريخي قلعي تي ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو ويو جيڪو حقيقت ۾ مسلمانن جي تاريخ هو .

شعوري توڙي لاشعوري طور سوچ جي اهڙي لاڙي حقيقت جو روپ ڌاريو آهي . ٿيڻ ته ائين کپي ته حيدرآباد واري قلعي ۾ رهندڙ آبادي کي سرڪار پنهنجي خرچ پکي تي ڪو ٻيو بندوبست ڪري ڏئي ۽ هوشوءَ جي قبر کي بحال ڪيو وڃي ۽ ان ئي جذبي هيٺ قلعي ۾ هڪ عاليشان هوشو يادگار بنائي. ان کي آزاديءَ جو مرڪز بڻايو وڃي . ڇو ته هوشو انگريزن خلاف آزاديءَ جي ويڙهه وڙهيو هو.

جنرل هوشو شهيد جي بهادري، حقيقت ۾ بهادري ۽ سورهيائپ اها آهي جنهن کي دشمن به تسليم ڪري، جيڪو پنهنجي دشمن جي بهادري جي مڃتا ڪري اهو به پنهنجي جاءِ تي بهادر آهي . ڇو ته جهڙي نموني سچ ڳالهائڻ بهادري آهي، تهڙي نموني سچ کي مڃڻ به بهادري آهي، انگريز فاتح سر چارلس نيپئر جو ڀاءُ وليم نيپئر جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي ڪيل فتحن ۽ جنگين جو احوال قلمبند ڪندو ونندو هو تنهن لکيو ته:

”هن بهادر شخص (هوشو شيدي) جنگ جي فني مهارت جو اهڙو بهترين مظاهرو ڪيو جيڪو هڪ يورپي جنرل کي ئي سونهين ٿو، هو پنهنجي ٻين شيدي ڀائرن ساڻ ائين ميدان جنگ ۾ بيٺو رهيو جيئن ڪو اڏول پهاڙ، جنگ ۾ سيني کان اڳرو رهيو، آخر تائين جڏهن فتحياب نه ٿيو ۽ دم به اهڙي حالت ۾ ڏنائين جو تلوار سندس هٿ ۾ انتهائي مضبوطيءَ سان پڪڙيل هئي ۽ هڪڙو به قدم پٺتي نه هٽيو، مرڻ کان پوءِ به ڪنهن انگريز کي سندس ويجهو وڃڻ جي جرائت ڪانه پئي ٿي ڇو ته مرڻ کان پوءِ به پنهنجي هٿ مان تلوار کي ڪرڻ نه ڏنو هئائين“. وڏيڪ لکي ٿو ته مياڻي وانگر دبيءَ ۾ اهو ساڳيو حبش جو ٻانهو ”هوچي“ (هوش محمد) شيدي جنگ کي ڪنيو بيٺو هو. سندس بهادريءَ جي جيتري ساراهه ڪجي ٿوري آهي، هڪ اعلىٰ دل دماغ ۽ صلاحيتن جو مالڪ هو، هن بهادر انسان دبي واري جنگ ۾ به هڪ بهادرانا ۽ دليرانا شان شوڪت سان وڙهندي **22** ريجمينٽ جي سنگينن هيٺان پنهنجو سر ڏنو ... !!

شهيد هوشو شيديءَ ڇاتو ٿي ته ”شڪست“ يا ”هار“ عارضي هوندي آهي ۽ غداري دائمي .... !! هن ڇاتو ٿي ته شڪست جي عمر زندگي جهڙي ٿوري هوندي آهي پر غداريءَ جو لعنتاڻو موت جي عرقي جيڏو وڏو ۽ وسيع هوندو آهي . تنهن ڪري هر بهادر انسان کي کپي ته هو غلاميءَ جي زندگي کي آزاديءَ جي موت ۾ بدلائي ڇڏي ڇو ته شينهن جي هڪ ڏينهن زندگي گدڙ جي هزارين ورهين جي زندگيءَ کان بهتر آهي . اڄ سنڌ جي تاريخ ۾ غدار حاڪمن جو ذڪر موجود هوندي به ماڻهن جي دلين مان تڙيل آهن پر ڌرتيءَ سان وفادار غلام به اڄ ماڻهن لاءِ عزت ۽ احترام جي حد تائين پوڄا جي لائق آهن. هوشو شهيد غلام ضرور هو پر هو پر هو آزاديءَ جي راهن تي غلام ماڻهن، قومن ۽ ملڪن جو رهبر هو آزاديءَ جو سمبل هو.

ايچ ٽي ليمبرڪ لکي ٿو ته، ”هوش محمد قمبراڻي ۽ هن جا ٻيا ساٿي جيڪي مير صوبدار جا نوڪر هئا، اتي ئي وڙهندي شهيد ٿيا پر پنهنجي ڌرتيءَ جو هڪ انچ به دشمن جي حوالي نه ڪيائيون.“

ان دور ۾ ڪوبه ڏيهي اديب ۽ شاعر موجود نه هو جيڪو حقيقت پسنداڻ ۽ سچائي واري جذبي سان قلم کڻي سچائي واري تاريخ لکي، فاتحن جا پاڙيتا ۽ درباري تاريخدان ته ڪوڙ هئا، جن جي قلم ڪنهن وحشي ۽ خوني فاتح جي تلوار مان ٽاهيل رستي پٺيان پنهنجو سفر شروع ڪيو پر ان دور ۾ به ڪي باضمير ماڻهو هئا جن پنهنجي قلم کي تلوار جي گهڙيل رستي تي هلائڻ بجاءِ ڌرتيءَ جي آزادي لاءِ مرندڙ شهيد جي رت جي رندن پٺيان هلايو، ان ۾ هڪ ڳوڻاٽو شاعر عليءَ نالي هو جنهن لکيو ته:

هوشوءَ پنهنجي جان آزاديءَ جي راهن تي قربان ڪئي،
هو پنهنجي جان پنهنجي خوشي ۽ چاهه سان ڏئي ويو.
هو سوين سورهيه ۽ سرويچ ساٿين سان ،
هڪ سرويچ وانگر وڙهندو وڙهندو رهيو،
۽ هڪ بهادر وانگر مري ويو.

هڪ ٻئي نامعلوم شاعر پڻ هڪ هنڌ لکيو :

”هلي هوشو آٽيو، ڪري قمبراڻي ڪاهه،
ايندي به ارن ۾، گهوٽ وڃايا گهاءُ ،
قلوبان ڪڙو ڪيو، شيديءَ پنهنجو ساهه،
سئو لشڪر سان شيدي ماريو، ميار مٿن ناهه.

# جنرل هوشوءَ جي شهادت

۽ آخر ڪار سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهندي عظيم سورهيه سرويچ ۽ بهادر انسان جنرل هوش محمد شيدي **24** مارچ **1843** ع تي دبيءَ واري جنگ ۾ انگريز سامراج سان وڙهندي شهيد ٿيو. شهادت وقت سندس زبان تي، دشمن جي بندوق جي ڏن تي ” مر مر ويسون سنڌ نه ڏيسون “ وارو گيت گونجي رهيو هو.

ڪئپٽن معين الدين لکي ٿو ته، جڏهن هن عظيم ڪاري هيرو کي دفنائڻ واري رسم پوري ٿي ته فوجي پلٽون واپس موٽڻ لڳيون، تڏهن هڪ انگريز جنرل کي هي گيت جهونگاريندو ٻڌو ويو ته:

”جيڪو دشمن، بي خوف ٿي،
موت جي اکين ۾ اکيون وجهي،
پنهنجي ڌرتي جي آزادي خاطر،
دشمن جي سامهون ٿئي.
پنهنجي اهڙي دشمن کي مارڻ مهل،
ان آڏو ادب سان نوڙي جهڪي سلام ڪريو.... !!

ڪيپٽن صاحب اڳتي وڌي لکي ٿو ته ” افسوس جو هيئن اسان پنهنجي شهيدن جي باقيات جي عزت ڪندا آهيون، جو هيئن اسان سندن ياد کي جيئرو رکندا آهيون. هيءُ (هوشو) محب وطن ۽ عظيم انسان هو، جنهن پنهنجو سر، سچ، غيرت، آزادي ۽ خودمختياري خاطر صدقي ڪيو سو هتي ايئن وسريو پيو آهي، جو سندس قبر جو سندس ئي ڌرتيءَ تي ڪو نشان موجود ناهي. اي لالچ تو ماڻهو کان سندن عقل ڦري ورتو آهي، کين ڪائر ۽ ذاڻيل بڻائي ڇڏيو آهي.

( ماهوار ”پارس“ تان کنيل )

# مائي بختاور شهيد

## ڪامريڊ مير محمد ٽالپر

سنڌ جي هن سائي ڌرتيءَ تي ڪيترين ئي بهادر هستيون پيدا ٿيون آهن، جن سچ تان سر صدقو ڪرڻ کان ڪڏهن ڪين ڪيٻايو. انهن هستين ۾ ڪي سياسي شخصيتون هيون ته ڪي وري غير سياسي. مائي بختاور جو شمار به انهن هستين ۾ ڪجي ٿو. مائي بختاور هڪ غير سياسي شخصيت آهي. مائي بختاور ذات جي لاشارڻ هئي. هيءَ عظيم عورت تعلقه عمرڪوٽ جي هڪ ننڍڙي شهر ٽالهيءَ جي پر ۾ لاشارين جي ڳوٺ جي رهاڪو هئي. اهو ڳوٺ سنڌس شهادت واري دور ۾ سندس قادياني قاتلن جي ملڪيت هو. جن کي ضلع ٿرپارڪر ۾ چاليهه هزار ايڪڙن جي جاگير هئي، جا احمدي اسٽيٽ جي نالي سان مشهور آهي. هاڻ هارين ۾ ورهائي وئي آهي. مائي بختاور جي شهادت جو پس منظر هن ريت آهي:

باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جن ***1945***ع ۾ پنهنجي نوڪري ڊپٽي ڪليڪٽري ڇڏي سنڌ جي هارين لاءِ آواز اٿاريو. سندس مطالبن ۾ اهو مکيه مطالبو هو ته هاريءَ کي آباديءَ جو اڌ حصو ڏنو وڃي. ڇاڪاڻ ته اڳ ۾ هارين کي زميندار يا جاگيردار پاران ايترا به اَن داڻا ڪونه ملندا هئا جو هو پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو آئينده فصل تائين پيٽ پالي سگهي. جاگيردارن ۽ زميندارن جي جانورن جيترو به هارين کي ڪاڌو ڪونه نصيب ٿيندو هو. هو اجهي ۽ لٽي لاءِ به پريشان هوندا هئا.

هنن کي زميندار حصو پيراٽو ٽويو، مسجد جو ٽويو، ڪنيار جو ٽويو، حجام جو ٽويو ۽ ٻين به ڪيترين ئي ٽوين ڏيڻ کان پوءِ باقي ڪي ڪٽا نصيب ٿيندا هئا، ڪي وڏيرا ته سريت جو ٽويو به وٺندا هئا. انهيءَ اڌو اڌ بٽئي واري مطالبي کي مڃرائڻ لاءِ سپ کان پهريان نوابشاهه ۾ تحريڪ هلي جنهن ۾ ڊاڪٽر هسارام، قاضي فيض محمد، ڪامريڊ غلام محمد لاڪو (مرحوم) سڪرنڊ وارو، ڪامريڊ عجائب سنگهه، رئيس بروهي، بالاچ خان بروهي، ڪامريڊ غلام محمد بام(مرحوم)، مولوي معاذ (مرحوم) ۽ ڪامريڊ مبارڪ ٽالپر (مرحوم) ۽ ٻين ڀرپور حصو ورتو. هنن ماٺهن تحريڪ کي زور وٺايو. هارين زمينن تي قبضا ڪيا. ڪامريڊ مبارڪ ٽالپر به هڪ هنڌ جون ۽ جولاءِ جي گرمين ۾ قبضي تي وڃي

ويئو. جتان ڪيس ٽي بي ٿي ۽ ان جي وگهڻي وفات ڪيائين. حقيقت ۾ هن ماڻهو کي ٻه شهيد چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن حق جي لاءِ جان جو عطيو ڏنو.

هن تحريڪ پوري سنڌ ۾ زور ورتو. هن تحريڪ جو اثر ٻين ضلعن وانگر ٿر پارڪر تي به پيو. ٿرپارڪر ۾ هن تحريڪ ۾ جان محمد پلي (مرحوم)، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، جناب لطف الله حساماڻي، پير عبدالغفور جان سرهندي، جناب محمد ابراهيم مومن (مرحوم) ڪنري وارو ۽ ڪامريڊ امولڪ اوڏ کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي هارين ۽ ورڪرن حصو ورتو.

ٻين ڳالهين سان گڏ اڌو اڌ بٽئي واري تحريڪ کي وڌيڪ زور وٺرائڻ لاءِ ڪامريڊ حيدر بخش مرحوم **20** جون **1949**ع تي جهڏي ۾ هاري ڪانفرنس گهرائي. جنهن ۾ اٽڪل ڏهه هزار هارين ۽ ورڪرن شرڪت ڪئي. سنڌ جي سورهيه، مائي بختاور جي ڳوٺ جا جيڪي ٻه مرد هئا، انهن مڙني انهي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. پوپان صرف هو عورتن کي ڇڏي آيا هئا. انهن کي ڪاٻه اون ڪانه هئي ۽ هجي به ڇو؟ ڇوته هنن عورتن ۾ مائي بختاور جهڙيون دلير عورتون موجود هيون.

ڪانفرنس جي آخري ڏينهن يعني **22** جون تي خبر آئي ته ٿالهي شهر لڳ لاشارين جي ڳوٺ ۾ زميندارن هڪ عورت کي بندوق جا فائر ڪري شهيد ڪري ڇڏيو آهي. ڪامريڊ حيدر بخش جهڙو مانجهي مڙس ۽ هارين جو هڏ ڏوکي ، هيڏي وڏي خبر ٻڌي ڪٿي ٿي چين سان ويهي سگهيو؟ جيئن ته ان ڏينهن پهچڻ ناممڪن هو ڇاڪاڻ ته اها خبر سج لهڻ وقت آئي هئي. ان ڪري ٻئي ڏينهن جو انتظار ڪرڻو پيو.

**23** جون صبح جو سوير سنڌ هاري ڪميٽي جي ورڪرن جو وڏو تعداد، ڪامريڊ حيدر بخش جي اڳواڻي ۾ لاشاري جي ڳوٺ پهچي ويو. جيڪي ماڻهو اتي پهتا انهن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي (مرحوم)، جان محمد پلي (مرحوم)، پير عبدالغفور جان سرهندي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ راقم کان علاوه ٻيا ڪيترا ئي ورڪر ۽ هاري موجود هئا . اسان اتي لاش کي ڪري تي پيل وجي ڏٺو.

اتي خبر پئي ته ڪري تي اٽڪل ٽي هزار ڪٽڪ هئي جيئن ته سڀ هاري ڪانفرنس تي آيل هئا ان ڪري قادياني زميندارن موقعي جو فائدو وٺي ڪٽڪ ڪٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مائي بختاور هڪ پيرسن مرد پينو فقير ۽ ٻين عورتن هنن کي ايئن ڪرڻ کان روڪيو. هنن کي چيائون ته اسان جي مردن جي اچڻ تائين انتظار ڪريو. ليڪن هنن ظالمن ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪيو ڇاڪاڻ ته هنن کي پڪ هئي ته هاري اسان کان اڌ بٽئي ڪرائيندا. زميندارن زوري اَن ڪٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن تي مائي بختاور ۽ ٻين عورتن مزاحمت ڪئي. انهيءَ ڳالهه تان هنن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ هنن مان هڪ ظالم نالي چوڌري سعدالله ۽ سندس مئنيجر چوڌري خالد (جيڪو اک کان ڪاڻو هو) جي ٻچ تي

بندوق سان فائر ڪيا، جن جي وڳهي مائي بختاور شهيد تي وئي ۽ هڪ پيرسن مرد پينو فقير سخت زخمي تي پيو. مائي بختاور جي چمار پنجاهه، سٺ ورهين جي لڳ ڀڳ هئي.

ڪنري جو صوبيدار عنايت علي خان ابڙو ۽ ڊي ايس پي ديوان تلجارام پهچي چڪا هئا. هنن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي موجودگي ۾ ڪيس لکيو. ڪجهه ورڪر ڪامريڊ حيدر بخش جي حڪم موجب لاش کي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ ساماري کڻائي ويا. جتي گهڻو وقت گذري وڃڻ ڪري مائي بختاور کي دفن ڪيو ويو. سندس تربت ساماري جي هڪ مقام ۾ واقع آهي.

ڪيس ٿرپارڪر سيشن ڪورٽ ميرپور خاص ۾ هليو. ڪيس جي پيروي سنڌ هاري ڪميٽي طرفان ڪيل وڪيل ديوان بنارام ڪئي. سرڪاري وڪيلن جانب خان بهادر، مرزا سڪندر بيگ جنهن کي ان وقت جي سنڌ جي وزير داخله قاضي فضل الله خاص حيدرآباد کان اماڻيو هو، (پڻ استغاثه مائي بختاور واري ڌر) جي مدد ڪئي. جڏهن ته جوابدارن جي پاران ديوان ڏيئل مل ۽ هڪ لاهور مان گهرايل بيريسٽر پيروي ڪئي. ان وقت سيشن جج ديوان شنڪر سنگهه آڏواڻي هو. هن صاحب حق جو فيصلو ڪيو، ۽ چوڌري سعدالله جيڪو ان وقت جي پاڪستان جي وزير خارجه سر ظفرالله خان جو ڀاڻيجو هو، ۽ چوڌري خالد کي ويهه ويهه ورهيه ٽيپون ڏنيون جڏهن ته ٻين ننڍن مجرمن کي ٻه پنجن کان ڏهه ورهين تائين سزائون ڏنائين ۽ ٻيا ته مٿين اپيلن مان آزاد ٿي ويا. ليڪن چوڌري سعدالله ۽ چوڌري خالد ويهه ويهه سال ٽيپون ڪمائي آيا. اهڙي طرح جي سنڌ جي هاري جدوجهد ۾ شهيد بختاور اسان کي سبق ڏنو ته پنهنجي حق لاءِ جان ڏيئي سگهجي ٿي پر پنهنجو حق نٿو ڇڏي سگهجي.

# مائي بختاور شهيد جي ورسي تي پيڻ گنهوري بلوچ جو پيغام

ماريئون منهنجي ملـــڪ جــــون بـــــختاور ڀيڻون
سسيون منهنجي سنڌ جون، ساٿيهه جون سيڻون
تنين جــــي نيڻئون، اڄ اُلا نـــــڪرن آڳ جـــــا.
( ڪامريڊ جام ساقي )

پيارا ڀائرو :- منهنجون اميدون توهان جي نيڪ مقصد سان گڏ آهن هن موقعي تي جڏهن ته آءُ ڪنهن مجبوري سبب نه شريڪ ٿي سگهي آهيان. هيءُ پيغام هاري ڀائرن کي اڄ پڌائيندا. جڏهن سوين انسانن تي ظلم ٿيندا آهن ۽ انهن سان نا انصافيون ٿينديون آهن انهن کي ماني جي ڳيپي لاءِ سڪايو ويندو آهي انهن جا ٻار بک وڳهي موت جو شڪار ٿيندا

آهن ته اهي مجبور ۽ بيوس انسان وڙهڻ لاءِ پنهنجا پيٽ ٻڌي اٿندا آهن ۽ مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. شهيد بختاور جونالو به انهن مجبور ۽ پيڙهيل انسانن مان آهي سنڌ ڌرتي ته موتين جي کاڻ آهي جنهن ۾ بهادر ۽ اڻل انسان جنم وٺندا رهيا آهن. اهي ڪڏهن مارئي جي روپ ۾ پنهنجي ملير جي موهه ۾ عمر جي اونداهن ڪوٽن ۾ پنهنجي عزت عصمت بچائيندي ساڻيهه جي سڪ جو سوڳند پڪڙيندي ڏسبا آهن ته ڪڏهن سسئي بنجي پنهنجي سهاڳ لاءِ جبل ۽ بريٽ ۾ ڳولا ڪندي ملندي ته ڪڏهن بلاول وانگر گهاٽي ۾ پيڙهبا رهيا آهن ته ڪڏهن هوشوءَ وانگر انگريزن سان گولين ۽ بمن جي مقابلي ۾ ٽڪرن پٿرن سان مقابلو ڪندي ماربا آهن ته ڪڏهن هيمونءَ وانگر ڦاسيءَ جي ڦندي کي هٿ کان وٺي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندا نظر ايندا آهن . يا وري حيدر جي همت ڏسي پنهنجي سانگين ۽ مارن لاءِ ڪال ڪوٺڙين ۾ پنهنجي عمر جا ڏينهن گهاريندا ۽ روشني جا مينار بڻجي جڳ کي روشن ڪندا رهندا ۽ سنڌ جي مرد مثير، غريب ۽ مظلوم جي مها اڳواڻ ڌرتيءَ جي دلير ڪامريڊ جام ساقي کي ٽرن برن ۽ جهنگن جرن ۾ سچ جي جوت جلائيندي ڏسندا ۽ ان کان پوءِ لاهور جي قلعي ۾ انهن ڪمن جي عيوض ظلم جي ڪال ڪوٺڙين ۾ ايذاءَ سهندي ٻڌندا . شهيد بختاور جيڪو سنڌ جي عورت ۽ سنڌ جي مظلوم طبقن جي عظمت جو نالو آهي . شهيد بختاور پنهنجي حق گهرندي ۽ ان جي حفاظت ڪندي گولين جي ٻک ٿي ويئي . شهيد بختاور پنهنجو حق پنهنجي اکين سان تباهه ٿيندو ڏسي نه سگهي ان سنگينن ۽ گولين جي ڊپ کان سواءِ ان ظالم چوڌين تي ڪاهي پئي . هڪ طرف چوڌرين جا ڪمدار ۽ ڪاراوا هئا جن جي هٿن ۾ رائفلون هيون ٻئي طرف فقط هٿين خالي چند عورتون هيون جن جي هٿن ۾ ڏاٽا، ڪانياٽيون ، ڪنبيون ۽ تپانگون هيون جي پنهنجي ان جي انبار جي حفاظت ڪري رهيون هيون جن جي اڳواڻي شهيد بختاور ڪري رهي هئي ، جنهن ۾ هاري اڌو اڌ ونڌئي لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا، ان وقت شهيد بختاور جا پٽ پائر ۽ ٻيا ڳوٺ جا ماڻهو جلسي تي ويل هئا. ظالم چوڌري اهو وجهه وٺي سچو ان کٽائڻ آيا هئا پر چوڌرين جو اهو اندازو غلط نڪتو چو ته شهيد بختاور ان پراڻي روايت کي برقرار رهڻ نه ڏنو، جنهن ۾ سنڌ جي عورت صدين کان ماريل مجبور هوندي آهي ۽ سدائين پڙدي ۾ رهندي آهي. تنهن اهو ڪري ڏيکاريو جيڪو سنڌ جي عورت لاءِ ناممڪن سمجهيو ويندو آهي . هو سيني عورتن کي وڙهڻ جي همت ڏياريندي رهي هوءَ شينهن وانگر انهن سان وڙهندي رهي ۽ انهن سان مقابلو ڪندي رهي ۽ پنهنجي اَن جي حفاظت ڪندي شهيد ٿي ويئي . شهيد بختاور جي خون رنگ لاتو ۽ سڄي سنڌ ۾ اڌ ونڌئي جي تحريڪ زور ورتو . آخر سڄي سنڌ ۾ اهو طئہ ٿيو ته هاري ۽ زميندار اڌو اڌ حصو ڪٽندا.

شهيد بختاور جي جدوجهد سان هارين مزدورن جي لاءِ مشعل راهه آهي ۽ شهيد بختاور هڪ هارياڻيءَ جو نالو نه آهي پر ظالم جي خلاف جنگ جو نالو آهي . شهيد بختاور عظيم آهي، ۽ ان جي عظمت آزاديءَ ۽ ظلم خلاف نفرت ڏياريندي رهندي شهيد بختاور امر آهي ۽ هوءَ ڪڏهن به مري نٿي سگهي.

( مائي بختاور جي ڪتاب تان ورتل )

# پيج مست چريا ٿا اچنئي... ( هيمون ڪالاڻي )

ناز سنائي

تواريخ ۾ لکيو ويو آهي ۽ ٻڌايو پيو وڃي ته انگريز ”فيل مست“ هئو. هن جو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ، ظلم ۽ بر بريت، ڏپ ۽ ڊاءُ، شان ۽ شوڪت، جاهه و جلال ايڏو هو جو ماٺهو چرڪندا هئا.

تواريخ ۾ لکيل آهي ته انگريز سنڌ تي ڪاهه ڪانہ ڪئي هئي. سنڌ کي فتح ڪونہ ڪيو هئائين. پر واپار ڪرڻ جي اجازت ورتائون ۽ پوءِ ”آئي ٽانڊي ڪاڻ بنجي ويٺي بورچياڻي“ جيئن انگريز سنڌ جو حڪمران بڻجي ويهي رهيو.

انگريز هندستان کي ڪيئن غلام بنايو، هو ڪهڙي طريقي سان حڪمران بڻيو، ڪهڙي نموني هن سنڌ کي غلام بنايو؟ اچو ته ان جي پس منظر تي ڪجهه نظر وجهون.

***1613***ع ۾ شهنشاهه جهانگير هڪ حڪم جاري ڪيو جنهن ۾ هن انگريزن کي سورت ۾ واپاري ڪوٺيون کولڻ جي اجازت ڏني ۽ پوءِ آهستي آهستي واپار يعني ماڻهن جي گذر معاش جي ذريعي تي قبضو ڪري، هندستان ۽ سنڌ کي محڪوم بنائي ويهي رهيو.

بنگال کي نشانو بنايو ۽ شڪار ڦاهيو ويو ته بنگال جي باغي شهزادي سراج الدولہ جي دوربين نگاهه ڀانپي ورتو ته انگريز ڪيڏو چالاڪ آهي ۽ هو ڪهڙي نہ طريقي سان ملڪ تي قابض ٿيندو پيو وڃي. انڪري هن بغاوت ڪئي حڪم ڪيائين ته ”قبضي هيٺ آيل ايراضيون خالي ڪري وڃو“ انگريزن اها ڳالهہ نہ قبولي ۽ نہ ان تي عمل ڪيو. باغي سراج وڙهيو، ٻئي طرف انگريزن مير جعفر جهڙا ديس دروهي ۽ دلال خريد ڪري ورتا جنهن ڪري جنگ ۾ سراج کي شڪست ڏئي وڌائون.

انگريز نہ رڳو بنگال تي قبضو ڪيو پر چالاڪي ۽ عياريءَ کان ڪم وٺي آهستي آهستي سموري هندستان جو ڌڻي ٿي ويهي رهيو ۽ سوا سئو سالن تائين هندستان جي ماڻهن کي لٽيندو ۽ ڦريندو رهيو ماڻهن کي ستائيندو رهيو، وقت آيو ماڻهو جاڳيا، ماڻهن هندستان کي آزاد ڏسڻ ٿي گهريو. انگريز سامراج کان نجات وٺڻ ٿي گهري. چوطرف هل هنگاما ٿيا، شور ٿيا، جهيڙا ٿيا، قتل عام ٿيا ماڻهن هندستان ۾ آزاديءَ جي سچ اپارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي!

هندستان جي مها اڳواڻ مهاتما گانڌي هندستان خالي ڪريو (***Quit-India***)

تحريڪ شروع ڪئي ۽ ان سان گڏ ماڻهن کي ”ڪرو يا مرو“ جي هدايت ڏني **1942-41**ع زمانو هئو. ماڻهن جي دلين ۾ فرنگين جي خلاف نفرت جا آڙاهه پئي ٻريا. ماڻهن ان جو سڌ جو جواب هر هنڌان ڏنو. انگريزن کي مستي هئي، غرور ۽ تڪبر هيو ۽ ان آڏار تي هنن ڏاڍ ڪيا، سورمن جي قربانين راڳ لاٿو ۽ انگريز هندستان ڇڏي هليو ويو ۽ هندستان کي آزادي ملي وئي.

مهاتما گانڌي هندستان خالي ڪريو نعرو هنيو ته ماڻهن هيءُ راءِ قائم ڪئي هاڻي انگريز کي برِ صغير مان تيڙ ڀڄڻا پوندا.

هندستان خالي ڪريو مراد اها هئي ته فرنگين جي جهنڊي جي جاءِ تي آزاد هندستان جو جهنڊو ڦڙڪي. هندستان خالي ڪريو جو مطلب اهو هيو ته هندستان جي آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ پنهنجي فوج ٺهي.

هندستان خالي ڪريو مان مطلب اهو هو ته گورو ڪاري جي مٿان حڪمراني بند ڪري ۽ گوري جي، ڪاري جي ملڪ ۾ ڪابہ دست اندازي نہ رهي ۽ انگريز هندستان کي مڪمل طور ڇڏي وڃي، سندس ڪوبہ واسطو نہ هجي، لڳ لاڳاپو نہ هجي.

هندستان خالي ڪريو سڏ جي پڙاڏي کي محسوس ڪندي، هندستاني اڳواڻ شري پنڊت جواهر لال نهروءَ ماڻهن کي صلاح ڏيندي چيو:

”گهڻي وقت کان اسان پرڀات جو انتظار پئي ڪيو آهي. ليڪن ڊگهي رات پوري نہ ٿي آهي ۽ اڃا شايد پوري نہ ٿئي ... گهڻو وقت .... ان جي مونکي خبر ناهي. ديش جي آزاديءَ جي لڙائي جا ڪيترا سپاهي شايد اُها پرڀات نہ ڏسي سگهن. پر اها پرڀات ايندي ضرور! تيسين سوتنرتا جي راهه روشن رکڻ لاءِ جوت جلائيندو ئي رهڻو آهي.... ۽ مان ڄاڻان گهران تو ته توهان مان ڪيترا بهادر اها جوت ڪرنڌڙ هٿن مان وٺڻ لاءِ تيار آهن.“

۽ پوءِ ڪئين آيا، جن ڪرنڌڙ هٿن مان جوت ڪٽي ورتي ۽ ان جوت کي ڪٽي اڳتي وڌيا. سرن جو نذرانو ڏنائون، ڳچين سندا ڳچ وڃائي ويٺا، جانيون قربان ڪيائون. جنهن لاءِ ساڳئي نهروءَ جيل مان ڇٽڻ وقت چيو: ”.... **1942**ع ۾ جيڪي ٿيو ان لاءِ مونکي فخر آهي. ماڻهو جيڪڏهن ڪانئر ٿي گهر وڃي ويهن ها ته مونکي سخت افسوس ٿئي ها.... “

**1942**ع ۾، ان کان اڳ ۽ پوءِ ”فيل مست“ فرنگيءَ کي هندستان مان تيڙ ڀڄائڻ لاءِ جيڪو ڪجهه ٿيو ۽ سنڌ جي چرين جيڪو ڪم ڪيو، ان تي سرسري طور تي ڪجهه نظر وجهجي.

سنڌ ۾ مقولو آهي: ”پِچ مست چريا تا اچنئي“ فرنگي ”فيل مست“ هئو ته آزاديءَ جي طالبن سنڌي چرين ان کي چِتو ڪرڻ، ڀڄائڻ ۽ ٻچڙو ڪري هندستان خالي ڪري وڃڻ تي جهڙي نموني مجبور ڪيو، ان کي فراموش ڪيو ويو آهي . تاريخ لکندڙن سنڌ جي انهن چرين کي وساري ڇڏيو آهي، جن ”فيل مست“ فرنگيءَ کي هندستان ڇڏڻ تي مجبور

ڪيو.

هندستان مان انگريز کي ڪڍڻ ۽ ملڪ کي آزاد ڪرائڻ ۾ جيڪڏهن ڪانگريس قربانيون ڏنيون، هندستان جي ماٿهن ڪنڌ ڪوري ڪلهن تي رکيا ته سنڌ جا جوڌا ٻه پنتي ڪونه پيا ”حر تحريڪ“ ۾ شهيد پير صبغت الله پاڳاري انگريزن کي جهڙي نموني توتا چٻايا ۽ سندن ٻت مان جيڪي ٺڪائو ڪڍيا، جيڪي پاسراٿيون ٽوڙيون، اهي ٽڙڪاٽ ڪنهن کان وسريا آهن؟ انگريز کي ”حر تحريڪ“ جيڪا ماءُ جي ٿڃ ياد ڏياري، ان جي پنهنجي حيثيت آهي، پنهنجي تاريخ آهي. جنهن جو ذڪر مون پنهنجي مضمون ”شهيد پاڳارو“ ۾ ڪيو آهي.

اهو زمانو آهي جو ”فيل مست فرنگي“ کي پڄائڻ لاءِ هڪڙو ٻيو چريو، ڪن ٻين چرين کي ساڻ ڪري ان ”فيل مست“ فرنگيءَ جي پويان ڪاهي پيو. سندس نالو راهي هيمن هو پر ڪيس ”هيمون“ چيو ويندو هو. هو **11** مارچ**1924** ع ۾ پراڻي سکر ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ پيسومل ٺيڪيداري ڪندو هو، جنهن وقت ”هيمون“ ريل جي پٽڙي اکيڙڻ ڪري گرفتار ٿيو ته سندس عمر اوڻيهه سال هئي. سکر جي تلڪ هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ پڙهندو هو ريل جي پٽڙي اکيڙڻ کان اڳ هيمون ۽ سندس ٻيا ساٿي انقلابي سرگرمين سان واسطيدار هوندا هئا. هٿن سان پمفلٽ لکي ورهائيندا هئا گرفتاري کان پوءِ جڏهن هيمونءَ جي گهر جي تلاشي ورتي وئي هئي ته سندس گهر مان ڪافي انقلابي مواد هٿ آيو هو.
پمفليٽن ۽ ننڍڙن ننڍڙن خبرن کي اخبار جي نموني لکي ورهائڻ ڪانسواءِ هنن ”ساڙ ٻاڙ“ تحريڪ شروع ڪئي جنهن ۾ هنن پاران سنڌ جي ڪافي شهرن ۾ سرڪاري رڪارڊ ساڙيو ويو ۽ هن جي هڪ ساٿي پوليس جي انسپيڪٽر جنرل جي ڪوڙي صحيح ڪري پنهنجي هڪ انقلابي ساٿيءَ کي جيل مان آزاد ڪرايو هو ان ڪانسواءِ هو ڪن خاص اسڪولي شاگردن کي گڏ ڪري شهيد ڀڳت سنگهه بابت ٻڌائيندو هئو. ان ڪانسواءِ پنهنجي چاچي ڊاڪٽر منگهارام جي ڪوليل سوراج سڀا منڊل ۾ پڻ هو سرگرم ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هئو.
پاڻ پنهنجي چاچي ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻي جي اڳواڻي هيٺ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڪافي ڀرپور ونڻ لڳو ان کان سواءِ دادا ٿانورداس گلومل جي اڳواڻي هيٺ بغاوت جي پئي تياري ڪيائين، پر هيمون اجائي شوبازي کي ڪڍائڻ ۽ ليڊريءَ جو شوقين ڪونه هئو. هن وٽ عمل وڏي شئي هئي ۽ هن اندر ئي اندر رهي گهڻو ڪجهه ڪرڻ ٿي چاهيو. ننڍپڻ کان وٺي انگريزن سان نفرت هئس پير علي محمد شاهه راشديءَ پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي ته: ”ظاهري طرح سياست سان ڪو واسطو ڪونه هئس. توڙي جو آءُ ورهين جا ورهيه سکر

۾ رهي چڪو هئس. پر سندس نالو ڪڏهن بہ منهنجي ڪن تي ڪونہ پيو. معلوم ٿئي ٿو تہ اندر ئي اندر ۾ پئي سڙيو ۽ ٻريو....“

ظاهر آهي ريل ڪيرائڻ لاءِ بہ ڪو ذهن ئي سوچي سگهي ٿو ”هيمون“ اُڀرو ڪونہ هئو ۽ نہ وري هرو ڀرو اجائي شوق خاطر ائين ڪيو هيائين جيڪڏهن شوق خاطر ائين ڪري ها تہ هو پنهنجي حياتي بچائي ها. دوستن ۽ ساٿين جا نالا پيش ڪري انهن کي ڦاسائي، پاڻ ڇڏائي سگهيو ٿئي ۽ اهو هڪ ڀيرو نہ پر هزار ڀيرا ڪيس چيو بہ ويو هئو ان ڪري تشدد جو نشانو بڻايو ويو اصل ۾ ريل جي پٽڙي اکيڙڻ جو قصو هيئن آهي تہ 23 آڪٽوبر 1941ع تي هيمونءَ شهيد کي خبر پئي تہ انگريز فوج سان ڀريل هڪ ريل گاڏي جنهن ۾ بارود ڀيل آهي سا روهڙي سکر کان ٿيندي ڪوئيٽا وڃڻ واري آهي. جنهن وسيلي سرحد جي جوانن کي ڪچليو ويندو. هيمونءَ پنهنجي ساٿين سان پروگرام ٺاهيو تہ ريل جي اچڻ کان اڳ پٽڙي اکيڙيندا سون. مقرر وقت تي پراٽي ۽ نٽين سکر جي وچ ۾ ريل جي پٽڙي اکيڙڻ ويا پر ”هيمون“ پڪڙجي پيو، سندس ٻيا ساٿي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ريل ڪانہ ڪري سگهي! هيمونءَ ريل ڪيرائڻ جو تڏهن سوچيو، جڏهن انگريزن سان نفرت اوج تي هئي ۽ ڪيس ملڪ ڇڏڻ جو چيو پئي ويو هندستان جو عوام انگريزن جي ڏاڍ ۽ ظلم جي جانداهہ ۾ پيسجي پيسجي ٿڪجي پيو هئو ۽ هاڻ ان ظلم مان نجات ٿي چاهيائون.

ماهتما گانڌي (**Quit India** ) جو نعرو هنيو تہ هيمون ان سڏ جو پڙاڏو بڻجي ويو. هيمونءَ ان سڏ جو جواب ڏنو ۽ پنهنجي طريقي ۽ سوچ سان انگريز کي ملڪ خالي ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو نوجوان شهيد هيمون ڪالاڻي نٿي سمجهيو تہ انگريز جهڙو حڪمران جنهن سوا سئو سالن تائين وڏي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ سان اسان جي ملڪ کي ٻنهي هٿن سان لٽيو ۽ ڦريو آهي، اهو ائين شرافت سان ملڪ ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن ڪيس ٽيڙ ٻڌي وڃڻ تي راضي بہ ڪيو وڃي تہ هيمون جي دل اهو نٿي چاهيو تہ فرنگي بنا وياج جي موٽي وڃي!

جرئي هيمون ان وقت ”فيل مست“ انگريز کي پريشان ڪرڻ لاءِ ريل ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن انگريز مست کي سنڌ ۾ ”حر تحريڪ“ جي چرين اڳئي چڱو ڀوڙايو هئو ۽ ميدان ماريو هئو. اهي چريا اهڙي نموني سان ان جي پويان لڳا هئا جو ”فيل مست “انگريز چتو ٿي پيو ۽ پنهنجي چتپڻ جي عروج تي هئو، ماڻهن جي سرجري پئي ڪيائين، قتل عام تي ڪيائين ماڻهن کي وڏا عذاب ۽ صدما تي ڏنائين ۽ سندس انهيءَ چتپڻ جي زماني يعني 1942ع ۾ جڏهن سنڌ سان مارشل لاڳوتيو مارشل لا ان ڪري لاڳو ڪيو ويو تہ ”حر تحريڪ“ کي ڪچلجي ۽ انهن حرن کي سزائون ڏنيون وڃن جن آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصو ورتو آهي. ڪورٽ مارشل قائم ڪري، حرن کي سزائون ڏنيون پئي ويون هيمونءَ کي بہ ڪورٽ مارشل ڪيو ويو. مقدمو هليو. سکر جي مارشل ڪورٽ ڪيس جنم ٽيپ ڏني ۽ اهو فيصلو حيدرآباد جي مارشل ڪورٽ ڏانهن موڪليو ويو جتان جي مکيہ انگريز

آفيسر ڪرنل رچرڊسن ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني!

مارشل ڪورٽ ۾ ڪيس هلندي هڪ دفعي چيائين ”مون ريلوي لائين ان لاءِ ٽي پٽي جو فرنگين جي ٽرين کي ناس ڪرڻ جو ارادو هوم ليڪن بدقسمتي آهي جو ان رٿا ۾ ناڪامياب ويس.“

ٽي سال ساندهه ڪيس هلايو ويس. اِن وچ ۾ ملٽري جا ڪمانڊر ۽ آفيسر روزانو هن وٽ جيل تي وچي مختلف طريقن سان آزمائيندا رهيا ته هو پنهنجي ڪئي تي پشيماني ڏيکاري، معافي وٺي پنهنجي ٻين ساٿين جا نالا ڪٽي پر :

مـون سـهٽا تنهنجا سـاڪ ڪنئـي ۽ لـــوئـيءَ تنهنجــي لاڪ هنـئـــي،
سي ڪانئر ٻئي ڪنهن ڪڙم منجهان، جي پيار ڪري پڇتائين.
( اياز )

هن سنڌ ڌرتي سان نيهن نڀائڻ جو قسم ڪنيو هئو هن انگريز سامراج جا پنهنجي ڌرتيءَ تان پير اکيڙڻ جو وچن ڪيو هئو. هن ان ڌرتيءَ ۽ مقصد جي ڪري پنهنجي ماءُ پيءُ، جن جو اڪيلو آسرو ڏيڍ هئو، تي ڪي ڇڏي ڏنو. هن ان ڳالهه ڪري پنهنجي تعليم اڌ ۾ ڇڏي ڏني هئي ۽ پوءِ هو ڪيئن  تي غداري ڪري سگهيو. ڪيئن تي ٻين لاءِ نقصانڪار عمل ڪري سگهيو.

”هيمون“  ريل جي پٽڙي اکيڙڻ وارن مان اڪيلو ئي هئو جيڪو گرفتار ٿيو، ٻيا ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا ۽ هيمون تي هر تشدد جو اوزار ان لاءِ آزمايو پئي ويو ته هو پنهنجي ساٿين جا نالا ٻڌائي، پر هن جو هر دفعي اهو جواب هوندو هيو. ”مون سان هر هندستاني، برصغير جو هر ماڻهو گڏ آهي، جيڪو چاهي ٿو ته انگريز سامراج ملڪ ڇڏي وڃي. آءُ ڪهڙن جا نالا ڪٽان؟“

اهو جواب لانگ بوٽن جي ٺڏن تي ٻه ڏنائين ته برف جي نادين تي سمهڻ سان ٻه، ڪوڙي لڳڻ سان ٻه ته سچ پٽري سان ٻه اگهاڙي تي ٽنگجي مارجڻ سان ٻه ته لنين جي وسڪاري سان ٻه!  هر وقت سندس اهو ئي جواب هئو:

جــــي لــــــوڻ لـــڱيڻ لائـــــين، چــيري چــيري چـــم،
مـــون ڪـــر اڳي نه ڪـيو، اهـــڙو ڪــوجهـو ڪم،
جـــــان جـــــان دعـــوِيٰ دم، تان تان پـرت پنهوار سين!
(شاهه)

انگريز جڏهن تشدد جي سمورن اوزارن کي مڏو تيندي ڏٺو، ۽ پنهنجي هر وار سان هيمونءَ جي عزم کي فولاد تيندي ڏٺائين ته ساٿين جي نالن پڇڻ واري ڳالهه تان هٿ لهي آيو ۽ پوءِ هي ڳالهه ڪرڻ لڳو ته ”هيمون“ پشيمان ٿئي، معافي وٺي ته ڪيس معاف ڪيو ويندو. پر هيمونءَ سوچيو ته سر وڃي ۽ ملڪ کي ڌارئي سامراج مان آزادي ملي ته ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سستي شئي آهي؟

ڪيس قاسيءَ جي سزا ٻڌائي وئي. معافي گهرڻ لاءِ چيو ويو. سنڌس پوڙهي ماءُ پنهنجي مامتا ۽ سنڌس پيرسن پيءُ پنهنجي پيار کان مجبور ٿي، اهڙيون درخواستون ڪيون. هيمون کي مائٽن پاران چيو ويو پر ”هيمون“ جڻ انهن لاءِ جيئرو ئي نه رهيو هئو. هن صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چوندو رهيو، ” آءُ پنهنجي عمل تي ڪڏهن به پشيمان ناهيان. مون جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، صحيح ڪيو اٿم. اهو وطن لاءِ ڪيو اٿم. وطن جي آزادي ۽ نجات لاءِ ئي سڀ ڪجهه ڪيو اٿم مونکي پڇتاءُ ڪونهي. مون اهو ڏوهه ڪونه ڪيو آهي جو آءُ معافي وٺان. جيڪڏهن آءُ معافيءَ جي درخواست تي ڪندس ته جڻ انگريز کي هتي رهڻ جي مهلت ڏيڻ واري دستاويز تي صحيح ڪندس! آءُ ته انگريز کي ڪيڻ ٿو چاهيان ۽ جيستائين جيئرو آهيان، ايستائين وڙهندو رهندس.“ اهو هو هيمون شهيد جو جواب جيڪو سيني کي پٽي ڏنائين ۽ انگريز سامراج جي منهن تي ٺهڪائي تي ڪڍيائين.

آخر انگريز ملٽري جي ڪمانڊر ”هيمون“ کي چيو ته ”توکي آزاد ٿا ڪريون، پر آئيندا لاءِ واعدو ڪر ته ٻيهر اهڙي سرگرمين ۾ حصو نه وٺندين.“

هيمون شهيد هڪڙو ٻيو وعدو ڪيو. اهو هيءُ ته ” جيڪڏهن مونکي آزاد ڪيو ويو ته ٻيهر به اهڙا ڪم ڪندس ۽ ايستائين ڪندو رهندس جيستائين انگريز سامراج هندستان خالي نه ڪيو آهي!“ نيٺ انگريز ”فيل مست“ اهڙن چرين کان تنگ اچي هندستان خالي ڪري هليو ويو.

هيمونءَ جو جسم اروڙ جي مٽي ۽ مان جڙيل هئو سندس پگهر مان اهڙو هڳاءُ ايندو هئو. وطن سان وڏي محبت هئس. وڏو بهادر ۽ همت ڀريو هوندو هئو. ڪاڪي تيرٿ داس ڪراچي واري هڪ ڀيري سنڌس باري ۾ ٻڌائيندي چيو ”پاڻ ”هيمون“ سان گڏ جيل ۾ هوندو هئو. کيس ورزش ڪرڻ جو شوق هوندو هئو ۽ سدائين پنهنجي جسماني قوت وڌائڻ لاءِ محنت ڪندو هئو. ورزش ڪرڻ وقت پنهنجي ڏورن تي هٿ هڻي چوندو هئو ته هنن ڏورن کان ڪم وٺڻو آهي. جسم کان، انگريز کي ملڪ مان ڀڄائڻ وارو ڪم وٺڻو آهي. هو ڏاڍو مانيٽو، خاموش طبع ۽ سلجهيل ذهن هوندو هو. وطن سان ڏاڍو پيار رکندو هئو ۽ هر ڀيري اسان کي چوندو هئو ته جڏهن آءُ آزاد ٿيندس ته ان کان وڌيڪ ڪم ڪندس ۽ ايستائين ڪندو رهندس، جيستائين انگريز ملڪ نٿو ڇڏي. هن جي زبان

تي ”سنڌ“، ”سنڌ“ هوندي هئي ۽ چوندو هئو ته هند جي تاريخ ۾ سنڌ کي نمايان حيثيت ڏيارڻي آهي!“

مرحوم محمد امين کوسي هڪ انٽرويو ۾ هيمون بابت ٻڌايو: ” هيمون سان منهنجا قريبي تعلقات هئا. ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان سکر ۾ گڏ ڪيل شاگردن جي ڪانفرنس ۾ هو منهنجي قريب آيو ۽ تقرير کان پوءِ سڄي رات هو ۽ مسٽر هشو ڪيولراماڻي مون وٽ ويٺا هئا. مون هن وٽ مهاتما گانڌيءَ جو ماڻاٽو فلسفو پيش ڪرڻ بجاءِ، سامراجين سان مقابلي آرائي جو فلسفو پيش ڪيو .... ڪراچيءَ جيل ۾ هيمون مون کي ٻڌايو ته ”هو موت جي ڪري لڇي نه ٿيندو پر هڪ بهادر جي موت مرندو“ واقعي ايئن ڪري ڏيکاريائين.

قاسيءَ جي ڦندي کي چمي ڏئي ڳچيءَ ۾ وڌو هئائين ۽ قاسي جي تختي تي ” انقلاب زنده باد“ ۽ ”هندستان خالي ڪريو“ جا نعرا هڻندو رهيو ۽ آخري خواهش اها ڏيکاري هئائين ته عملدار ”انقلاب زنده باد“ ۽ ”ڀارت ماتا جي جئہ“ جا نعرا هڻن ۽ نيٺ هنن ائين ڪيو؟

جيل آفيسرن جي رپورٽ موجب ته هيمونءَ جو آخريءَ ***21*** ڏينهن ۾ ست پائونڊ وزن وڌيو هئو. چاڪاڻ ته ڪيس خوشي هوندي هئي ته هو وطن لاءِ قربان ٿيندو.

***21***جنوري***1943*** ع جي صبح جوء اسر ويلي کيس سکر جي اسپيشل جيل ۾ قاسي ڏني وئي. ان کان اڳ سکر سينٽرل جيل ۾ سندس ماءُ پيءُ جڏهن سندس ملاقات تي آيا ته هو روئي رهيا هئا. رڙيون ۽ دانهون ڪري رهيا هئا. سندن اهڙي حالت ڏسي، شهيد هيمونءَ پنهنجي عزيزن کي گيتا جو حوالو ڏيندي چيو: ”ڀڳوان شري ڪرشن گيتا ۾ صاف صاف چيو آهي: ”آتما امر آهي ۽ جنم مرڻ کان پري آهي اُها نه فقط روپ بدليندي رهندي آهي. ان ڪري مان ٻ مرندس نه پر پنهنجو روپ بدليندس. اوهان مونکي آشيرواد ڏيو ته مان وري پوٽر يومي ۾ ئي جنم وٺان هن پشيءِ يوميءَ کي آزاد ڏسان، سکيو ۽ ستابو ڏسان!“

اها هئي شهيد هيمونءَ جي خواهش ۽ تمنا.

***21***جنوري***1943***ع جي ڏينهن مارشل لا ۽ قلم ***144*** هوندي ٻ ماڻهو پنهنجي هن دلير سورمي جي زيارت لاءِ وڏي تعداد ۾ گڏ ٿيا ۽ سندس عظمت کي سلام ڪيائون.

شهيد هيمونءَ جي جسم جي رک، سيني لاءِ هڪ پوٽر نعمت هئي. ڪافي چوڪرا ۽ چوڪريون هيمون کي سون ۽ چاندي جي لاڪيٽ ۾ وجهي، پوڄا ڪندا هئا. ڪيترن کيس پنهنجي سيني تي لڳايو ۽ هندستان جي مکيه مکيه شهرن ۾ اها رک موڪلي وئي، جيڪا وڏي عزت ۽ آبرو سان پوٽر ندين جي حوالي ڪئي وئي.

شهيد هيمون جيڪو ڪردار ادا ڪيو ان بابت تمام ٿورو احوال ملي سگهيو آهي. اڄ تائين صرف ڪي نالي ماتر مضمون لکيا ويا آهن، جن مان مون هن مضمون کي تيار

ڪيو آهي. اسان جا تاريخ نويس پراڻا تہ ٺهيو پر جيڪي نوان ساماڻا آهن اهي بہ هيمونءَ جي تاريخ لکڻ تہ پري پر ان جو نالو لکڻ بہ مناسب نٿا سمجهن. ڇاڪاڻ تہ ”هيمون“ هندو هئو. هن جو مذهب اسلام ڪونہ هئو ۽ هي اسان جا سيئي تاريخدان مسلمان سڳورا آهن. ڪن ڪي عالم جي پڳ مٿي تي رکيل آهي تہ ڪن ڪي وري ”مولويت“ جو چولو پاتل آهي. سندن اندر ۾ نفرت جا آثار پيا ٻرن مذهبي نقطۂ نگاهہ کان تاريخ لکڻ ڪي تاريخ نہ چيو ويندو. اهڙي نموني جي تاريخ لکندڙن جي نظر ۾ ابن قاسم سنڌ جو فاتح خدا جو موڪليل ٻندو، ارڙهن سالن جو جنت جو گلمان هوندو آهي تہ مهاراجا شهيد ڏاهر دوزخ جو ڏٽي ۽ خدا جو ڌڪاريل!

منهنجي هڪ محترم دوست عبدالواحد آريسر، جيڪو نئون تاريخ نويس آهي، ان پنهنجي ڪتاب ”جي ايم سيد“ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

”سنہ**1942**ع ۾ سنڌ جو هڪ انقلابي نوجوان انگريزن جي خلاف مصلح ڪاروائيءَ جي جرم ۾ سر زمين سنڌ اندر ڦاسي تي چڙهڻ وقت ”جئي هند“ جو نعرو هڻي ٿو. ان ڳالهہ مان هيءَ خبر ضرور پوي ٿي تہ انهيءَ دور ۾ ”سنڌ “ ڪي انقلابين، ڪميونسٽن، دهشت پسندن، انارڪسٽن، قوم پرستن ۽ رجعت پسندن سڀني وساري ڇڏيو هئو . (ص **108** )

سڄو هندستان انگريزن جي قبضي هيٺ هئو ۽ پوري هندستان جي ڇوٽڪاري ۽ نجات لاءِ جدوجهد ڪئي وئي هئي **”هندستان خالي ڪريو“** مان مراد اها هئي تہ انگريز پوري هندستان مان ٽپڙ ٻڌي هليو وڃي. ان وقت جي مهان ليڊرن، ڪانگريسي ۽ مسلم ليگي جماعتن جي اها راءِ هئي تہ انگريز هليو وڃي ۽ سڀني جي ويڙهہ انگريز سان هئي، سڀني جو نشانو انگريز هئو ۽ سڀني جو دشمن ۽ ويري انگريز هئو. ملڪن جي ورهاست جو معاملو پوءِ جو هئو، جيڪو انگريز جي سازش جو ئي نتيجو هئو ۽ اهو ورهاڱو دراصل انگريز جي ئي ڪاميابي هئي.

ان وقت هڪڙي طرف انگريز جهڙي چالاڪ ۽ عيار حڪمران سان ويڙهہ هئي ٻئي طرف هيءَ سازش ڪئي وئي هئي تہ مذهبي طور تي ملڪ ٺاهيا وڃن يعني جتي مسلمانن جي گهڻائي هجي اتي جدا ملڪ ”پاڪستان“ ٺاهيو وڃي ۽ جتي هندن جي گهڻائي هجي اتي ”هندستان“ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ سان، سنڌ جي پڙهيل لکيل طبقي سنڌي هندو ڪي سنڌ ڇڏڻي پئي يعني سنڌين جي اڪثريت ڪي ختم ڪيو ويو، ورهايو ويو. ظاهر آهي تہ هيمون ڪالاڻي جهڙي قومپرست، وطن دوست ۽ سوشلسٽ نوجوانن ڪي ان وقت سنڌ جي، مڪمل آزادي جو نعرو هڻڻو ئي ڪونہ هئو، ڇاڪاڻ تہ هن پڙهيل لکيل طبقي ڪي سنڌ مان ويندي ڏسي، باقي سنڌ ڪي آزاد ڪرائي، سنڌ ايوب کهڙي، ميرن،پيرن ۽ وڏيرن حوالي ڪانہ ڪرڻي هئي ۽ هن ڪي اهڙي آزادي بہ پسند ڪانہ هئي. هن نٿي چاهيو تہ سنڌ جي ڏاڙهي اهڙن استن جي حوالي ٿئي. ان وقت هن يا ٻين آزاديءَ پسند جوڌن جي نظر ۾

سڀ ڪان اول سنڌ ۾ هند مان انگريزن کي ڪڍڻ هئو ۽ ان ڪان پوءِ ئي بي آزادي لاءِ سوچڻو هئو. يعني ساڳي آريسر جي تحريڪ جي موجوده نظرئي واري ڳالهه هئي ته اول ڌارئي سامراج جا ٽپڙ ٻڌائجن پوءِ ٻي ڳالهه. مونکي افسوس ٿو ٿئي ته تاريخ نويس، ان نوجوان جي قربانيءَ کي رائگان ڪرڻ جي چو ڪوشش ڪئي آهي ۽ سندس نالو ٻه نه لکيو! ۽ ان ڪاروائي کي جرم تو سڏي. جڻ انگريز سامراج جي پاران اها ڳالهه لکي اٿس، چاڪاڻ ته ان فرنگي جي نظر ۾ اها ڳالهه ڏوهه ئي هئي.

ائين ٻه ناهي ته هيمونءَ کي پنهنجي سنڌ وسريل هئي. هن جي نظر ۾ انگريز سامراج کي هندستان مان ڪڍڻ واري ڳالهه مان سنڌ جي مڪمل آزاديءَ کي هٿي ملڻي هئي. بمبئيءَ ڪان نڪرندڙ ”نئين دنيا“ جي جنوري ۽ فيبروري **1948**ع جي پرچي ۾ ”اندر پوچواڻي“ ’هيمونءَ‘ تي مضمون لکيو ته ”اي هيمون! تو جنهن وطن لاءِ دار کي چميو هئو. هاءِ! افسوس سنڌ انهيءَ نقشي تي موجود ناهي. نقشي تي تنهجي سنڌ جو نشان موجود ناهي. اي هيمون! تون هاڻي زنده جاويد شهيدن جي سامهون فخر نه ڪر....“ ان مان صاف ظاهر ٿو ٿئي ته هندستاني اديب چواڻي ته هيمون شهيد سنڌ کي ٻه هندستان جي گڏيل نقشي تي ڏسڻ ٿي گهريو ۽ هن جيڪا انگريز سامراج کي پچائڻ ۾ قرباني ڏني، ان کي ته وساري نٿو سگهجي امين کوسي جي بقول: ”هيمون جي بهادريءَ جو موت ڪنهن جي ٻه ميٽجڻ ۽ ميسارجڻ جو نه آهي.“

هڪ ٻئي مضمون نگار هيمونءَ قاضي پنهنجي مضمون ۾ هيمونءَ جي ڦاسي تي لکي ٿو: ”هيمون واري ٽولي کي دشمن جي صحيح جاڻ هئي. سي سياسي دهشت پسند بڻجي وياء چاڪاڻ ته انهن کي صحيح سوچ جو صحيح استعمال نه آيو.“

مان ان ڳالهه سان اتفاق نٿو ڪريان ته هيمونءَ جي ٽولي، پنهنجي سوچ کي صحيح نموني استعمال نه ڪيو. جيڪڏهن هيمون ”حر تحريڪ“ تشدد واريون ڪاروايون نه ڪري ها ته اڄ انگريز اسانجي ڇاتي تي ديو جيان سوار ٿيو وينو هجي ها ملڪي نجات ۽ انگريز سامراج سان لڙائي ۾ رڳو مهاتما گانڌيءَ جي عدم تشدد ڪم نه ڪيو پر ”حر تحريڪ“ ۽ هيمون جي ڪارنامن ٻه انگريز کي گوڏا ڪوڙايا هئا. سياست ۾ ضروري ناهي ته رڳو عدم تشدد ئي هجي. لڙائي ڌارئي حڪمران سان هجي، ظالم فرنگيءَ سان هجي، ان وٽ هٿيار، بارود ۽ ٽينڪون هجن ۽ ٻئي طرف رڳو عدم تشدد هجي! حقيقت ۾ اهي ڪاروايون ئي هيون، جن انگريز کي جنگ ۾ پچائي پچائي شڪست ڏني هئي!

”هندستان خالي ڪريو“ مهاتما گانڌيءَ جي نعري هٽڻ سان، سيئي ڪانگريسي ليڊر جيلن ۾ پوساتيا ويا هئا ان ڪري ڪانگريس، هندستان مان فرنگيءَ کي پچائڻ ۾ واضع ڪابه پاليسي تيار نه ڪري سگهي ۽ جيڪي ٻه عدم تشدد يا تشدد واريون ڪاروايون هيون، اُهي ماڻهن جي طرفان هيون. انهن حالتن ۾ اهو چوڻ ته هيمونءَ وارن پنهنجي سوچ کي

صحيح نموني استعمال نہ ڪيو. اِهو هيمونءَ جي قرباني ڪي وسارڻ برابر آهي.

هڪ ڪانگريسي اڳواڻ جي ڪرپلاڻي، **1946**ع جي ميرٺ واري ڪانگريس جي اجلاس جي صدارتي خطبي ۾ چيو هئو ”مان عدم تشدد تي قطعي عقيدو رکڻ وارو ماڻهو آهيان. پر مان نٿو چئي سگهان تہ مشرقي بنگال ۾ ماڻهن تي جو دٻاءُ پيو آهي اهو جيڪڏهن مون تي پوي ها تہ نٿو چاڻان تہ منهنجي دماغ تي ان جو ڪهڙو ردعمل ٿئي ها.“

هيمون شهيد جيڪو ڪجهہ ڪيو اهو ردعمل هئو ۽ هن جيڪي ڪجهہ ڪيو، ان جي حيثيت ۽ اهميت کان لنوائڻ وارا فقط مذهبي چار ۾ قاتل سمجهڻ گهرجن.

”هيمون“ پنهنجي دور ۾ ان وقت جي سياسي پاليسيءَ ۾ پنهنجي الڳ حيثيت رکندڙ نوجوان هو جنهن ان تاريخي معرڪي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. چا ڪاڻ تہ ڪانگريسي اڳواڻ، هندستان جي مهاپرش مهاتما گانڌي، جنهن حڪم ڪيو ”هندستان خالي ڪريو“ اهو عدم تشدد جو حامي هئو ۽ سندس عدم تشدد ۾ ايمان هئو. پاڻ چيو هئائين: ”مان هتي ٿورو پنهنجي اعتماد جو بہ اظهار ڪري ڇڏيان. هڪ ڪانگريسيءَ جي حيثيت سان، هن خيال کي آڏو رکي تہ ڪانگريس مضبوط رهي. مان عدم تعاون جي تحريڪ کي بند ڪرڻ جو مشورو ڏيان ٿو. چاڪاڻ تہ مان ڏسان ٿو تہ ملڪ هن لاءِ تيار ڪونهي. ليڪن هڪ فرد جي حيثيت سان مان ان وقت تائين ائين ڪري نٿو سگهان ۽ نہ ئي ڪندس. جيستائين حڪومت اهائي رهي ٿي .... منهنجي لاءِ هيءَ پاليسي نہ پر منهنجو پڪو ايمان آهي تہ عدم تعاون ۽ سول نافرماني هڪ ئي وڻ جون مختلف شاخون آهن .... مان تمام نفرت ۽ تشدد کي ان کان پري ٿو چاڻان. چاڪاڻ تہ مان انگريزن سان نفرت ڪري نٿو سگهان ۽ نہ ئي وري ڪڏهن مان انهن سان نفرت ڪندس. مان انهن جي جوا کي برداشت نہ ڪندس. مان پنهنجي موت تائين هندستان تي برطانوي طريقن ۽ برطانوي ادارن جي نفاذ جي خلاف وڙهندس البتہ مان هيءَ لڙائي عدم تشدد سان وڙهندس. مان هندستان جي هن قابليت جو اعتراف ٿو ڪريان تہ هو پنهنجي حڪمرانن جي خلاف عدم تشدد سان جنگ وڙهي سگهي ٿو.“

**1924**ع ۾ ڪانگريس جي بلگام واري اجلاس جي ڪيل صدارتي تقرير مان) مون مهاتما گانڌيءَ جي مٿين مثال کي پيش ڪري غلطي ڪئي آهي. حقيقت ۾ مهاتما گانڌي جي عدم تشدد واري پاليسيءَ کان انڪار ڪرڻ ٿيندو، جڻ سچ کي ڪاري هيٺان لڪائڻ جي برابر ٿيندو انڪري مهاتما جي عدم تشدد جي حامي هئڻ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوبہ هڪڙو مثال ڏيڻ ئي غلط آهي.

” هندستان خالي ڪريو“ تحريڪ جيڪا انگريزن کي چئيلنج هئي، للڪار هئي. اها بہ سموري عدم تشدد تي ٻڌل هئي. تشدد واري هر تحريڪ ۽ هر عمل جا هو مخالف هئا شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ڦاسيءَ تي هنن جو ڪهڙو ردعمل هئو، اها ڳالهہ بہ ڳجهي ڪانہ

آهي! هندستان خالي ڪريو تحريڪ ڪي” هيمون“ پنهنجو ڪيو، پر پنهنجي انداز ۾ پنهنجي سوچ سان ۽ ”هيمونءَ“ جيڪو ڪردار ادا ڪيو، اهو سنڌ جي تاريخ ۾ لافاني ۽ لاثاني ڪردار آهي جنهن ڪي وسارڻ سنڌ ڪي وسارڻ جي برابر ٿيندو!

”هيمون “ نوجوان هئو. ڀڳيرو هئو انگريزن جو دشمن هئو. هن چاهيو ٿي تہ انگريز جلدي جلدي هندستان خالي ڪري وڃي. هن انگريز سان ويڙهہ لاءِ سوچيو چريو هئو پر بين چرين ڪي گڏ ڪيو هئائين ”فيل مست فرنگي“ ڪي ڀڄائڻ لاءِ، ۽ پوءِ ”ڀڄ مست چريا ٿا اچنئي“ جي قول جيان مست ڪي اهڙو تنگ ڪيائون جو ڪيڏانهن وئي سندس مستي، ڪيڏانهن ويو سندس عروج ! چريا اهڙا لڳس جو هندستان مان ”فيل مست“ انگريز ائين ڀڳو، ڄڻ آيو ئي ڪونہ هئو.!

تاريخ پنهنجو پاڻ ڪي دهرائيندي آهي، ورجائيندي آهي پنهنجو پاڻ اُٿلائيندي آهي، ”فيل مست“ رڳو انگريز ڪونہ هئو چريو بہ رڳو ”هيمون“ ڪونہ هئو هيمون شهيد سان گڏ بيا بہ چريا هئا ۽ انگريز ڪانپوءِ سندس روحاني اولاد بہ پنهنجي مستيءَ ۾ رهيو آهي ۽ واري واري سان هيمونءَ جهڙا آيا آهن جن انهن مستن ڪي ڊوڙايو آهي. پنهنجي ڌرتيءَ تان پير اکوڙيا آهن. انگريز کان اڳ بہ ائين هئو ۽ پوءِ بہ ابراهيم منشيءَ هڪڙي شعر ۾ چيو آهي:

”ويا گورا وريا ڪارا، فڪر بدليو نہ فن بدليو“

اها شئيءَ آهي انگريز ۽ سندس روحاني اولاد لاءِ ۽ شيخ اياز وري هڪڙي شعر ۾ چيو آهي:

جي راهہ اجل ڪنهن ورتي آ، هن پونءَ ڪئي ڀي پرتي آ
هـــي ڌرتـــي تـــوڪـــي پـــرتي آ، مهمان هزارين مان نہ رڳو !

اِها شئي آهي ”شهيد هيمون“ ۽ سندس وارثن لاءِ منهنجو مطلب آهي هر شئيءَ پنهنجو ويس بدلائيندي رهي آهي. ولي دائود پوٽي جو هڪ شعر آهي:

ساڳيا اوٺي ساڳيا اُٺ، ساڳي اُنن واڳ
پـينر هـــن پنيور ســـان، پيري پيري پوڳ!

پنيور سان پيري پيري پوڳ ان حالت ۾ آهن، جڏهن پنيور جي رهواسين ڪي پروڙ ڪونهي تہ سنڌن ويري ڪير آهي، دشمن ڪهڙو آهي؟ سڄڻ ۽ محسن ڪهڙو آهي؟ رهبر ۽ رهزن ڪهڙو آهي؟ اسان جي رهبري، اسان جي بزرگن ڪئي آهي، اسان جي قومي شاعر سائين لطيف چيو آهي:

”پـــينر !پنيـــوران، پـــڇو ته اُبــهــو“
اڳي ان ماڳان، سرتين سور پرائيا!“

اِهي شيون اسان وٽ موجود آهن. جيڪي قومون پاڻ کي زنده رکڻ جون طالبون هونديون آهن، انهن کي پنهنجي شهيدن سان، سورمن سان پيار هوندو آهي، پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ کي آڏو رکي هو شاندار مستقبل جي تعمير ڪنديون آهن غلاميءَ جا ڳٽ ڇنيديون آهن ۽ پيرن ۾ پيل ڏنڊا ڀيڙيون ڇڪن سان ڇني ڇڏينديون آهن.

شهيد هيمون ڪالاڻي اسان جي سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو هيرو آهي. هو اسان جي محبت ۽ پيار جو مرڪز هئڻ گهرجي، جيترو سندس پنهنجو پنهنجي پيار سان.

اسان جي نوجوانن کي هيمون شهيد جي مستقل ۽ سبق آميز زندگيءَ مان پرائڻ گهرجي، اهائي اسانجي وڏي ۾ وڏي حاصلات آهي جنهن کي اسان فخر سان لڳائي سگهون ٿا. هيمونءَ جو روح به تڏهن خوش رهندو جڏهن ڪيس يقين ٿي ويندو ته سندس ڌرتيءَ تي سامراج موجود ڪونهي!

( هيمون ڪالاڻي ڪتاب تان ورتل )

# روپلو ڪولهي

اسرار شام

ترئيءَ تي بهشت مگڻ، يا ٻين تي پاڙڻ يا ٻين جي ڪلهن تان بندوق چوڙڻ، عمل کان عاري ۽ ڪاهل قوم جي نشاني هوندي آهي.
اهڙين حالتن ۾ ڪنهن به پست قوم جي تاريخ، اول ته چرڻ وارا پار نه ڏيکاريندي آهي، پر ڪٽي تربيت ڏني ويندي به آهي ته اها تاريخ بجاءِ مثل ماڻهن جي سوانح عمري وڌيڪ لڳندي آهي. ان ويل ڪن ڪارڻن ڪري وجهه وٺي ”پيا“ يا ٻين لفظن ۾”ڌاريان“ تاريخون ترتيب ڏيڻ جو ڪم شروع ڪري ڏيندا آهن. جيڪو اڳتي هلي ڪارنامو پڻ بڻجي پوندو آهي.

اهڙين زهر جهڙين، مگر سچين حقيقتن جي پيش نظر سنڌ جي تاريخ تي نظر وجهجي ته گهٽي پاڳي مارو ئي ساروٽين جي منتقليءَ جا پڙاڏا ته ٻڌڻ ۾ ايندا، مگر ورق خالي نظر اچڻ لڳن ٿا چو؟
جيتوٽيڪ انهيءَ ”چو“ ڪي چڏڻ سان اج اسان ڪي ”سنڌ ڪي تاريخ ڪيسي لکي جائي؟“ جهڙا ڪتاب بمع خطاب جي پڻ ملي چڪا آهن. پوءِ به اسان پاڻيءَ جو ڏيو گولهڻ بجاءِ، جيءَ ۾ جهاتي پائڻ بجاءِ، حالتن جي نڪور تقاضائن ڪي رد ڪندي، ستا ئي پيا هجون ته پوءِ سلطاني سهاڳ ته پري ٿيو پر، ڌرتيءَ جي ڌوڙ به نصيب تي نه سگهندي.

اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي لافاني ڪردار، اج به تاريخ ۾ موجود ضرور آهن، پر ان جي ورقن ۾ سنڌن ڪردار سواءِ گمشدگيءَ جي اشتهار کان به وانجهيل رهندا پيا اچن. سنڌ صدين کان آهي ۽ صدين کان ئي ڌارين جي حملن جو شڪار به ان ڪري پئي رهي آهي جو، چڏڻ وارن، هر دور ۾ ساڳي” چو؟ “ڪي به چڙواڳ چڏيو آهي. انيڪ حملي آور قومن مان هڪ قوم انگريز سامراج، سنڌ ڪي حلوو سمجهي گڙڪائڻ لاءِ سنڌ تي**1843** ع ۾ ڪاهه ڪري فتح ڪئي. ان ۾ هوش محمد شيدي جهڙا سنڌي سرويچ جنرل ايريا ته، اڳتي هلي **1857**ع جي جنگ آزاديءَ جي لهر ۾ ”روپلي ڪولهي“ جهڙا ڪونڌر به اذما ڏيئي اٿيا ۽ ڌرتيءَ ڪي رت ڏيئي، **21** اگسٽ **1859**ع ڦاهي

چڙهي سرخرو ٿي ويا.

سنڌ جي تاريخ جي محققن هن جوڌي ڪردار سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟ ان سلسلي ۾ سڄي سنڌ جي سونهن ۽ شاهه جي سورمي مارئي جي ملڪ ملير ( ٿر) جي لال ترتيب ڏيئي، لاشڪ سنڌي ساهت ۾ سنڌ جي تاريخ تي ٿورا ضرور ڪيا آهن، پر افسوس ته روپلي جي ڪردار کي ايترو مان ڏنو، جيتري جو هو حقدار هو!

سرڳواسي رائچند پنهنجي تصنيف ”تاريخ ريگستان“ جي پهرين ڀاڱي ۾: ننگر پارڪر ۾ بغاوت ( 1859ع ) واري باب ۾ پيرائتي نموني انگريزن جي انتظامي جوڙجڪ، معاشي استحصال ۽ وفادارين وڪٽدڙن جو ڪارائتو ذڪر ڪري ٿو .جڏهن ته مکيه ڦورو ۽ سامراجي ڪردار جنرل تروٽ سان جڏهن تاقيل قدمن ڪري مذاحمت شروع ٿيڻ تي جن جوڌن جو ذڪر ڪري ٿو انهن ۾ روپلي جي نانءَ جي نشاندهي ڪرڻ مهل، ڪيس اڻ سڌيءَ طرح ۽ ” ڀيا “ واري اصطلاح ۾ آخر ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو:

”راڻن جڏهن تروٽ صاحب کي ڳولا ڪرڻ سان ٻ نه لڌو تڏهن هنن سمجهيو ته مارجي ويو. انهيءَ ڪري هيڪاري جوش وڌيو، ڪچهري تي حملو ڪري ڪن سپاهين کي ماريائون ۽ ڪيترا ڦٽيا. پارڪر جا ڪيترا سوڍا اچي شامل ٿيا ۽ بهادري سان وڙهيا. انهن ۾ مکيه لاڌو سنگ وير واءَ جو داٽو، ڪرڻجي ننگر پارڪر جو راڻو، رامجي، ورڻ اڌي سنگ، ڪلجي، پونجو، مهاسينگ ۽ روپلو ڪولهي مشهور جوڌا هئا. (ص 208) ساڳئي باب ۾ سرڳواسي اڳتي هلي روپلي جي ”وفا“ بابت هيءُ اکر ڏسي ٿو: ”روپلي ڪولهيءَ جو راڻي سان وفاداري ڪري سندس نالو اجا پيو ڳائجي. اهو سندس لاءِ امر انعام آهي.“ (ص 221) هن پهرين ڀاڱي ۾ روپلي جو ڦاهيءَ تي چڙهڻ، جنهن جي ڄاڻ اسان کي اڳتي هلي ورسي ملهائڻ ڪري پئي، ڪو نالي ماتر اشارو ٻ ڪونه ٿو ملي.

سرڳواسي اڄ اسان وٽ موجود نه آهي، نه ته پاڻ ئي ڪجهه ٻڌائي سگهي ها. البت هن منجهيل سِٽ کي سنوت ۾ آئيندڙ کي سنڌ جا تياڪڙ تاريخ نويس (جيڪر موجود هجن) اسان جهڙن طالبعلمن کي ٻ ڪوگس ٻڌائي نج ڄاڻ ڏين ته، حقي ڪردار سان انصاف ڪرڻ جي تقاضا پوري ٿي سگهندي.

هن ڏس ۾ شڪي امڪان هن طرح ايري ٿو ته، روپلو ڪولهي ذات جو هو ان ڪري ڪيس فقط وفاداريءَ ( جنهن جي طرح نوڪر وانگر لڳي ٿي) تائين ڳٽائي دنگ ڪيو ويو.

يا ائين ٻ ٿي سگهي ٿو ته سرڳواسي رائچند جي ترتيب ڏنل ” تاريخ ريگستان “ جي ”اصل مسودي“ ۾ روپلي جي ڪردار کي حقيقت جي روبرو پيش ڪيو ويو هجي، پر ”ڪن

سببن“ ڪري تراش خراش **Subing** جي سيراڻ تي آندو ويو هجي! چاڪاڻ ته رائچند جي تاريخ ريگستان کي سنڌي ادبي بورڊ **1956**ع ۾ ڇپائي هيٺ پڌرو ڪيو هو. بورڊ اسان جو خودمختياري (نيم سرڪاري) ادارو ضرور آهي، پر تخليقي ادب کان ورتو وڃڻ يا اچا توڻي سنڌي جي جامع ۽ مستند تاريخ نه ڏيڻ ڪري پنهنجو پاڻ مرادو پرپور ۽ مڪمل ڪردار ادا نه ڪرڻ ڪري، ضروري نه آهي ته ان جي ڇپايل هر ڪتاب کي مستند ۽ مڪمل سمجهيو وڃي پر گهٽ ۾ گهٽ هن ڏس ۾ رائچند جي اصل مسودي ۾ روپلي جو اهم ڪردار متعين نه ڪيو هجي، جنهنجو اسين گمان جي بنياد تي ذڪر ڪري رهيا آهيون! اهو به تڏهن غالب ٿيو، جڏهن خود روپلي جي برداري (ڪولهي) پنهنجي ارڏي ۽ جوڌي ڪردار روپلي کي ورسيءَ جي حوالي سان سرڳواسي رائچند جي مکيہ نقطي کان هٽي ڪري بياني توڙي سانگ وسيلي پيش ڪيو!

هن ڏس ۾ پيش ٿيندڙ صورتحال (ورسي) جي پيش نظر سرڳواسي ته مطمئن ڪندي نثو نظر اچي ( يا تي سگهي ٿو ته هن جملن جي اٽڪ کان پوءِ بيو ڪو اهل قلم مطمئن ڪندڙ نقطۂ نظر ساڻ ڪري اچي يا نه اچي.)

اهو ته اڳتي هلي وقت ٻڌائي سگهندو. البت ڪوڙ ساريون شابسون هجن اڳوٽي هڪ پرائمريءَ جي استاد ۽ حال ڪائونسل پريم پارڪريءَ کي، جنهن ڳوٺ پريم نگر لڳ نبي سر روڊ، ٿرپارڪر ۾ سنڌ جي هن لافاني ۽ ويڙهاڪ ڪردار ”روپلو ڪولهي“ جي پهريون گهمرو**125** ورسي پنهنجي برادري، ڪولهين جي سرواٽيءَ ۾ ڌوم ڌام سان ملهائي دم پٽي ڏيکاريو!

هن ورسيءَ جو سٺاءُ ٿر جي بريٽ تي ٽڏا ٽنئوريون وڇائي ڪيو ويو هو. جنهن جو عملي پهلو منجهند **4** وڳي کان رات جو **12** وڳي تائين هلي پورو ٿيو.
اٽڪل **400** کن ڪولهي، جنهن ۾ ٻڍاء ٻار، جوان زائفون شامل هيون، موجود هئا. ويندي ويندي ننگر پار کان پڻ ڪجھ عقيدتمند ڪولهي پاڻ به لٿا هئا. ميڙاڪي کي منهن ڏيڻ لاءِ نڪي ڊائس نڪي مائيڪ هئا. ڪو مقرر خطابي نه هو. گوڏو پيچي، پاٽولي، ماري ۽ ڪانيءِ ٻڌي ڪچهري ڪرڻ وارو نيٺ سنڌي ثقافت وارو سمان هو.

ٻزن ڪن جهونن ڪولهين شاعريءَ ۾ روپلي تي عقيدت جا گل نڇاور ڪرڻ شروع ڪري ڏنا، وڏ ڦڙي جيئان پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي ٽڪ بنديءَ ۾ بر زبان پڙهندا تي ويا. ايڪڙ ٻيڪڙ نه سمجهندڙ بعض لفظن کي سمجهندي، روپلي سان وهيل تاريخي ويل تي پڻ متاثر ٿيندي ڏنا پئي ويا.

هن ويهڪ پڄاڻيءَ پريم پارڪريءَ ترجماني ڪندي ٻڌايو ته شاعري ۾ شاعرن روپلي ڪي ڪجهه هن ريت سوپارو بيان ڪندي ڳايو ته انگريز جڏهن سنڌ تي حملو ڪ فتح حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ نظام نافذ ڪرڻ وقت جڏهن مختيارڪاريون قائم ڪيون ۽ ڍلون اوڳاڙڻ جو طريقو تاڪيو. ٽيليگراف جون تارون وڇائڻ وقت، ڪارندن، ٻڪري، ڪڪڙ، وهٽ ۽ وني جي ڦرلٽ شروع ڪئي ته روپلي معاشي استحصال ۽ غلامي ڪرڻ بجاءِ انگريز سان ٽڪر ڪائڻ جو وچن ڪيو. آزاديءَ جي جنگ شروع ٿئي ان جي لهر ۾ هن سرويچ **5** هزار ماڻهن جو جٿو جوڙيو. انگريز کي ڪڙڪ پيئي. جنهن سازش جا جار وڇائڻ شروع ڪيا. آخرڪار انگريز جنرل ٽروٽ، حملو ڪيو، مگر نتيجي ۾ ياڄ ڪائي حيدرآباد پڄي ويو. جتان وري هي نئين سر فوجي ڪيپ سان مسلح ٿي، ننگر پارڪر پهتو. ۽ بعض مقامي ماڻهن جي غداريءَ ڪرڻ ڪري روپلي کي قيد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سندس ساٿين کي پيش پوڻ لاءِ جنرل ٽروٽ، مٿس طرح طرح جا اذيت ناڪ ظلم ڪرايا. ايتري قدر جو ڪيهه جي نهيل ڏيئي جي وٽن وانگر وٽون ٺاهي، سندس ڏهن ئي آڱرين کي ساڙيو ويو، پر هن سرويچ هڪ به ساٿي جو نالو ٻڌائڻ بجاءِ، امر ٿي مرڻ کي ترجيح ڏني.

انگريز ٻي چال هلندي ۽ سندس وريتيءَ کي انعامن جي لالچ ڏيندي چيو ته تنهنجو مڙس حسين ۽ جوان آهي ڪيس سمجهائينس. هن پاڻ مائيءَ هام ڀري. ڪيس منگهرن ۾ واڙيل روپلي آڏو پيش ڪيو ويو ۽ مائي، روپلي کي مخاطب ٿيندي چيو: ”روپلا! تنهنجي قوم تنهنجي مرڻ تي ماتم ته برداشت ڪري ويندي، پر غداري هرگز برداشت نه ڪندي. ڇو جو مائرون اجان سنڌ نه ٿيون آهن. جيڪي اجا ڪيئي روپلا پيدا ڪنديون.“

اهڙي طرح ٻيو ڪو چارو نه ڏسي انگريز جنرل هن سوڍي کي ***21*** آگسٽ ***1859***ع تي ٻبر جي وڻ هيٺان قاهي چاڙهي ڇڏيو. ان وڻ جي جاءِ تي هينئر ڪبڙ بيٺل آهن. پريم پارڪري جي لنگ ڪانڊاريندڙ ترجماني ڪرڻ ڪان پوءِ، عملي سانگ شروع ٿيو. جنهن کي ناٽڪ به چئجي ته ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو.

نيلي آڪاش هيٺ پونءَ پلاريءَ جي ڇاتيءَ تي روپلي جو فن ڪاريگريءَ جي اعتبار ڪان مٿيءَ جو بهترين مجسمون ٺاهي ان کي ان وقت جا ويس وڳا ۽ گلن جا هار پارائي، هٿ ۾ ترار ڏيئي دفاع جو سمبل ٻڌائي ڪڙو ڪيو ويو هو.

جڏهن ته ٻئي پاسي روپلي جو لشڪر جيڪو پڻ ٻن ڏڙن ڪن نوجوانن تي مشتمل

هو، جنرل تروٽ جا ڪجهه باوردي سپاهي تيار ڪري، ٻنهين ۾ جنگ ڪرائي ويئي. ان ويل ائين لڳي رهيو هو، ڄڻ سچي پچي جنگ ٿي رهي آهي!!

اهڙيءَ طرح هيءَ ورسي سنڌ جي ورقن ڪي اٿلائڻ لاءِ امنگون ۽ اتساهه ڏياريندي، رات جي رج ۾ پوري ٿي ويئي. ۽ پوءِ جو جتان آيو، اوڏانهن اُسهڻ لاءِ ڪک پن ٿي ويو!

❋❋❋

پورو ٿيو.

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

**www.voiceofsindh.net**

**editor@voiceofsindh.net**